

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) چنڇر پهرين اپريل 2023ع بمطابق 10 رمضان المبارڪ 1444هه (قيمت 10 روپيا) شمارو 308

چونڊون ملتوي ڪرڻ جو نوٽس سبب بڻايو يا ڊائلاگ شروع ڪيو، اسان گڏجي صورتحال کي منهن ڏينداسين: چيف جسٽس

عدالت مشڪلات وڌائڻ لاءِ نه ويٺي آهي، هڪ ڌر پارٽي چيئرمين جي گارنٽي ڏئي رهي آهي، حڪومت کي به شايد ماضي وسارڻو پوندو: عمر بنديال

هڪ ڳالهه توهان کي ٻڌائي ڇڏيان ته اسان ۾ ڪي به اختلاف نه آهن، اميد آهي ته سومر جو سج سٺي خبر کڻي ايندو

مان سمجهان ٿو ته بينچ ۾ مس فٽ آهيان، دعا آهي ته جيڪا به بينچ هجي فيصلو اهڙو اچي جيڪو سڀني کي قبول هجي

جسٽس جمال مندوخيل اختلافي نوٽ ۾ چيو آهي ته اچوڪي ٻڌڻي واري فيصلي بابت مون سان مشاورت نه ڪئي وئي

الله اسان جي اداري تي رحم ڪري، مون سميت سمورا جج آئين جا پابند آهن، حڪمنامو اوپن ڪورٽ ۾ نه لکرايو ويو: جسٽس جمال مندوخيل

توهان جي وڏي وڏي مهرباني، بينچ جي جوڙجڪ بابت جيڪو به فيصلو ٿيندو ڪجهه دير ۾ عدالت ۾ ٻڌايو ويندو: ٻڌڻي دوران چيف جسٽس جا ريمارڪس

اسلام آباد (م ڊ) چيف جسٽس پاڪستان عمر عطا بنديال چيو آهي ته چونڊون ملتوي ڪرڻ جو نوٽس سبب بڻايو يا ڊائلاگ شروع ڪيو سياسي معاملن جي ڪري اختلاف سامهون آيا، اسان گڏجي صورتحال کي منهن ڏينداسين چيف جسٽس عمر عطا بنديا صوبائي چونڊون ملتوي ٿيڻ خلاف ڪيس جي ٻڌڻي دوران رمارڪس ڏنا ته هڪ ڳالهه توهان کي ٻڌائي ڇڏيان ته اسان ۾ ڪي به اختلاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

صدر جسٽس قاضي فائز خلاف ريفرنس واپس وٺڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) صدر ڊاڪٽر عارف علوي جسٽس قاضي فائز عيسيٰ خلاف ڪيوريٽيو ريويو ريفرنس واپس وٺڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي، صدر عارف علوي آئين جي آرٽيڪل 48 تحت وزيراعظم جي مشوري جي منظوري ڏئي ڇڏي. ياد رهي ته گذريل ڏينهن وزيراعظم شهباز شريف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ خلاف ڪيوريٽيو ريويو/بقايا پڙهو صفحو2 نمبر 03

ڪراچي ۾ راشن جي ورهاست دوران پاچ، ٻارن سميت 11 ڄڻا فوت

راشن جي ورهاست دوران ماڻهن جو وڏو انگ موجود هو، شروعاتي اطلاعن موجب راشن جي ورهاست واري جاءِ تي ڪرنٽ لڳڻ سبب پاچ پئي

پاچ سبب اتي موجود نالي ۾ ڪرڻ سبب به ٻار ۽ عورتون فوت ٿيون ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا، جن کي اسپتال نيو ويو

عباسي شهيد اسپتال ۾ آندل سڀئي لاش عورتن جا آهن، جن ۾ 3 ٻارڙيون به شامل آهن: فيصل ايڌي

فيڪٽري انتظاميا پوليس ۽ ضلعي انتظاميا کي مفت راشن جي فراهمي کان آگاهه نه ڪيو هو: ايس ايس ڪياماڙي

اسان کي راشن ۽ زڪوات جي ورهاست جي حوالي سان ڪو اطلاع نه ڏنو ويو، فيڪٽري انتظاميا جي ٽين ماڻهن کي به حراست ۾ ورتو ويندو

سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري واقعي جو نوٽيس ورتو، انساني جانيون ضايع ٿيڻ تي افسوس جو اظهار، ڪمشنر کان رپورٽ طلب ڪري ورتي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي علائقي سائيٽ ايريا نورس چورنگي تي هڪ فيڪٽري طرفان راشن جي ورهاست دوران پاچ سبب عورتن ۽ ٻارن سميت 11 ڄڻا فوت ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته پاچ جي نتيجي ۾ ڪيترائي ماڻهو فوت ٿيڻ جو اطلاع آهي، راشن جي ورهاست دوران ماڻهن جو وڏو انگ موجود هو. شروعاتي اطلاعن موجب راشن جي ورهاست واري جاءِ تي ڪرنٽ لڳڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي: راشن جي ورهاست دوران واقعي واري هنڌ ايڌي جي ايمبولينس بيٺل نظر اچي رهي آهي

ڪراچي ۾ راشن ورهائڻ جي دوران افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي: شرجيل ميمڻ

واقعي جي ايف آئي آر داخل ڪئي وئي آهي، پوليس 7 ماڻهون گرفتار ڪري ورتا آهن

پوري پاڪستان ۾ اٽي جي ورڇ دوران پنجاب ۾ افسوسناڪ واقعا پيش آيا

سنڌ حڪومت حقدار خاندانن ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي اٽي جي خريداري جي رقم منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات واري ڪاتي جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سائيٽ ايريا ڪراچي جي علائقي ۾ خانگي فيڪٽري جي پاران راشن ورهائڻ جي دوران افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي، جنهن ۾ ٻارن ۽ عورتن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پ پ چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جو نئين نيشنل پريس ڪلب اسلام آباد ڀهتو

بلاول ڀٽو زرداري پاران انور رضا کي نيشنل پريس ڪلب اسلام آباد ۾ چونڊجڻ تي مبارڪباد ڏني

پاڪستان پيپلز پارٽي پريس جي آزادي جي حمايت ڪري ٿي: بلاول ڀٽو زرداري

اسلام آباد (م ڊ) پ پ چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جو نئين نيشنل پريس ڪلب اسلام آباد ڀهتو بلاول ڀٽو زرداري پاران انور رضا کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ن ليگ اڄ وري سپريم ڪورٽ کي ڌمڪيون پئي ڏئي، عدليا جي آزادي تي ڪا سوديبازي نه ٿيندي: عمران خان

ڳالهين لاءِ تيار آهيون پر آئين ۽ قانون کان هٽي ڪا ڳالهه نه ٿيندي، پاڪستاني فوج منهنجي آهي ۽ پاڪستان اسان سڀني جو آهي

عدليا جي آزادي ۽ آئين تي ڪا سوديبازي نه ٿيندي، آزاد چونڊون ئي سڀني مسئلن جو حل آهن

جمهوريت لاءِ تحريڪ انصاف آخري حد تائين ويندي، وڪيلن جي تحريڪ ۾ سڄي قوم انهن سان گڏ هوندي

مضبوط پاڪستان لاءِ مضبوط فوج انتهائي ضروري آهي، قومي ادارن جي مضبوطي پهرين ترجيح آهي

لاهور (م ڊ) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان چيو آهي ته اڄ ن ليگ وري سپريم ڪورٽ ۽ چيف جسٽس کي ڌمڪيون ڏئي رهي آهي، اهي چونڊن کان ڊڄل آهن صحافين سان ڳالهائيندي عمران خان چيو ته ڳالهين لاءِ تيار آهيون پر آئين ۽ قانون کان هٽي ڪا ڳالهه نه ٿيندي، پاڪستاني فوج منهنجي آهي ۽ پاڪستان اسان سڀني جو آهي، عدليا جي آزادي ۽ آئين تي ڪا سوديبازي نه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

لاهور: پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان صحافين سان ڳالهائيندي

نيشنل پريس ڪلب جون چونڊون، بلاول پاران نون عهديدارن کي مبارڪباد

ڪراچي (م ڊ) پ پ چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جو نيشنل پريس ڪلب اسلام آباد جي نئين چونڊيل ميمبرن کي مبارڪون ڏنيون. بلاول ڀٽو چيو ته انور رضا نيشنل پريس ڪلب اسلام آباد جو چيئرمين چونڊجڻ تي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو ان سان گڏ خليل احمد راجا کي جنرل سيڪريٽري ۽ نيئر علي کي فنانس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

خانگي ڪمپني ۾ راشن ورهائڻ دوران افسوسناڪ واقعو، چيف سيڪريٽري پاران جاچ جو حڪم

چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت واقعي جو نوٽيس وٺندي جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

جتي غفلت نظر آئي ته ان جي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي: ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت

ڪراچي (رپورٽر) چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت ڪراچي ۾ خانگي ڪمپني پاران راشن ورهائڻ دوران افسوسناڪ واقعي جو نوٽيس وٺندي ڪمشنر ڪراچي ۽ سيڪريٽري انڊسٽريز کان واقعي جي رپورٽ طلب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اٽي جي اسٽال جي دوري دوران ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

جسٽس مندوخيل اختلافي نوٽ ۾ افسوسناڪ ڳالهه لکي آهي: راڻا ثناءُالله

بينچ 9 مان 3 تي اچي وئي آهي، هڪ معزز جج پهريان بينچ کان ڌار ٿيو ۽ پوءِ بينچ جو حصو آهي، انصاف ٿيندو نه ڏٺو وڃي

فل بينچ ڪيس جو فيصلو نه ڪندي ته انصاف نظر نه ايندو، انتشار جو حصو نه بڻجو، فل بينچ ناهيو وڃي

جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي ٻئنچ جي فيصلي کي چئلينج ناهي ڪيو، هو ميدان ۾ لهندا

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله چيو آهي ته جسٽس مندو خيل ٻڌڻي کان معذرت ڪئي ۽ اختلافي نوٽ ۾ افسوسناڪ ڳالهه لکي آهي، ميڊيا سان ڳالهائيندي راڻا ثناءُالله چيو ته اختلافي نوٽ ۾ لکيل آهي ته فيصلو راءِ وٺڻ ڪانسراءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

عدالت نون ليگ جي خواهشن جي نه پر آئين جي پابند آهي: شاهه محمد قريشي

چيف جسٽس آف پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي خواهشن جو نه پر آئين ۽ قانون جو پابند آهي

فل ڪورٽ جو اختيار چيف جسٽس آف پاڪستان وٽ آهي، سپريم ڪورٽ جي قاعدن ۽ انداز جو احترام ٿيڻ گهرجي

عدالتي ڪارروائي ۽ فيصلن ڪانپوءِ زمان پارڪ ۾ پي ٽي آءِ ڪور ڪميٽي جو اجلاس طلب ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي چيو آهي ته چيف جسٽس آف پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي خواهشن جو نه پر آئين ۽ قانون جو پابند آهي، ميڊيا سان ڳالهائيندي شاهه محمود قريشي چيو ته چيف جسٽس آف پاڪستان مسلم ليگ ن جي خواهشن تي ڌيان نه ڏئي، فل ڪورٽ جو اختيار چيف جسٽس آف پاڪستان وٽ آهي، هن چيو ته سپريم ڪورٽ جي قاعدن ۽ انداز جو احترام ٿيڻ گهرجي هن وڌيڪ چيو ته عدالتي ڪارروائي ۽ فيصلن ڪانپوءِ زمان پارڪ ۾ پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

حسان نيازي جي ٻن ڪيسن ۾ ضمانت منظور

حسان نيازي جي 50 هزار رپين جي مچلڪن عيوض ضمانت منظور ڪئي وئي

عدالت اينڊرڻ ٻڌڻي 8 اپريل تائين ملتوي ڪندي جاچ آفيسر کي طلب ڪري ورتو

لاهور (م ڊ) لاهور جي عدالت عمران خان جي فوڪل پرسن حسان نيازي جي ٻن ڪيسن ۾ ضمانت منظور ڪري ورتي، لاهور جي سيشن عدالت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد: وفاقي وزير عبدالقادر پٽيل کي رينجنل بلڊ سينٽر جي دوري دوران بريفنگ ڏني پئي وڃي

وڻ مين شو هلي پيو، عوام ان کي قبول نه ڪندو: عطاءُ تارڙ

اهڙي ريت بينچون ٺهنديون ۽ ٽوڙينديون رهيون ته اداري جي ساک ختم ٿي ويندي

قوم جو دارومدار آئيني تشريح جي سمورن معاملن تي آهي، چئن ۽ ٽن جي فيصلي کي تسليم نه ڪيو ويو

ماڻهو چئي رهيا آهن ته معاملو استعيفيٰ ڏانهن وڃي رهيو آهي، به تارا سرگرم آهن

ن ليگ اڳواڻ عطاءُ تارڙ

اسلام آباد (م ڊ) ن ليگ اڳواڻ عطاءُ تارڙ چيو آهي ته اهڙي ريت بينچون ٺهنديون ۽ ٽوڙينديون رهيون ته اداري جي ساک ختم ٿي ويندي، وڻ مين شو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سون جي قيمت ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر وڏي واڌ

في تولو سون 700 رپيا وڌڻ ڪانپوءِ 2 لک 8 هزار 700 رپين جو ٿي ويو

ڏهه گرام سون 601 رپيا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ 1 لک 78 هزار 927 رپين جو ٿي ويو

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ سون جي اگهه ۾ اڄ هڪ ڀيرو ٻيهر اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

چيف جسٽس ۽ صدر جي رٽائر ٿيڻ جو انتظار ڪن پيا: شيخ رشيد

ضرورت جي نظريي ۽ آئين ۾ جنگ هلي رهي آهي، نظريي جي تذليل ٿيندي ۽ آئين جي فتح ٿيندي

اسحاق ڊار پاڻ چيو ته آءِ ايم ايف کي ڊس ڪيو ويو آهي، 2 ارب رپين جا سڪڪ باندر روڪيا ويا آهن

چيف جسٽس آف پاڪستان جي استعيفيٰ جون خبرون سڄي رات پکڙجنديون رهيون

عوامي مسلم ليگ سربراهه شيخ رشيد

اسلام آباد (م ڊ) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد چيو آهي ته چيف جسٽس آف پاڪستان ۽ صدر جي رٽائر ٿيڻ جو انتظار ڪيو پيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

عمران خان جا ناقابل ضمانت وارنٽ قابل ضمانت ۾ تبديل

ڪيس ۾ عمران خان جا 20 هزار رپين جا ضمانتي مچلڪا وارنٽ تبديل ڪري ڇڏيا

گرفتاري وارنٽ خلاف نظرثاني اپيل تي ٻڌڻي دوران پراسيڪيوٽر مخالفت ڪئي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) عورت جج کي ڌمڪيون ڏيڻ واري ڪيس ۾ تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان جا 18 اپريل تائين ضمانت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ملڪ ۾ عملي ڪم صرف پاڪستان پيپلز پارٽي ئي ڪري رهي آهي: سرينڌر ولاسائي

ويجيلنس ڪميٽي جا ميمبر ڪاتي جي اکين ۽ ڪنن سان گڏو گڏ زمين تي موجود نمائندا به آهن

انساني حقن جو ڪاتو ويجيلنس ڪميٽي سان لاڳاپيلتي او آرز ۾ ترميم ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو

ڪنوينشن تي عملدرآمد جي حوالي سان سنڌس اڳواٽي هيٺ سيل کي رپورٽ ڪندا آهن: جميل جوڻيجو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي انساني حقن واري ڪاتي انساني حقن جي ڀڃڪڙين کي روڪڻ ۽ متاثرين کي انصاف جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ سڄي سنڌ ۾ ضلعي سطح تي ضلعي انساني حقن جا آفيسر مقرر ڪرڻ جو اصولي فيصلو ڪيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: وڏي وزير جي انساني حقن بابت خاص مددگار سرينڌر ولاسائي تقريب کي خطاب ڪندي

ڪراچي ۾ ڊاڪٽر بيربل گيناڻي جي قتل خلاف سنجهورو ۾ شٽربند هڙتال

سنجهورو (رپورٽر) ڪراچي ۾ تاليواري آءِ اسپيشلسٽ ڊاڪٽر بيربل گيناڻي جي قتل خلاف سنجهورو شهر ۾ شٽربند هڙتال جاري آهي. هندو پنچائت ۽ ٽريڊ يونين جي سڏ تي ڪاروبار بند ڪيو ويو آهي سنجهورو واسي ڊاڪٽر بيربل جو هڪ پٽ راجندر آمريڪا ۽ ٻيو پٽ آڪاش جرمني ۾ رهن ٿا. ٻنهي پٽن جي وطن اچڻ تي ڊاڪٽر بيربل جون آخري رسمون سنجهورو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

جماعت اسلامي پاران ڊاڪٽر بيربل مينگهواڙ جي قتل جي سخت مذمت

واقعي جي غيرجانبدارانه تحقيقات ۽ ملوث ڌوهارين کي سخت سزا ڏيڻ جو مطالبو

ماهر سرجن جو بيدردي سان قتل قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ سنڌ پوليس لاءِ فڪر جو مقام آهي: محمد حسين محنتي

ڪراچي (م ڊ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ۽ اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي ڪراچي ۾ اکين جي ماهر ڊاڪٽر بيربل مينگهواڙ جي قتل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي ۾ گذريل ڏينهن قتل ٿيل ڊاڪٽر بيربل جو ڪيس اڃا تائين داخل نه ٿيو

سي سي ٽي وي فٽيجز باوجود پوليس جوابدارن جي نشاندهي ڪرڻ ۾ به ناڪام

واقعي جي جاچ جاري آهي، عورت جي طبيعت ۾ سڌاري بعد بيان رڪارڊ ڪيو ويندو: پوليس

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ گذريل ڏينهن قتل ٿيل ڊاڪٽر بيربل جو ڪيس اڃا تائين داخل نه ٿيو پوليس واقعي جا ڪارڻ به معلوم ڪري نه سگهي. سي سي ٽي وي فٽيجز باوجود پوليس جوابدارن جي نشاندهي ڪرڻ ۾ به ناڪام. پوليس /بقايا پڙهو صفحو2 نمبر 20

ٽنڊوڄام: سنڌ زرعي يونيورسٽي ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ بينظير ڀٽو پروگرام سينٽرن پاران عورتن جي ڀيه، تذليل، ڌانهون

ميهڙ ۾ احساس سينٽر ۾ رجسٽريشن لاءِ آيل عورتن جي ڀيه رهي، عملي ۽ پوليس اهلڪار تي تذليل جو الزام هنيو ويو

سينٽر عملو ۽ پوليس اهلڪار ڌڪا ڏئي تذليل جو نشانو بڻائي رهيا آهن، نوٽيس ورتو وڃي

رجسٽريشن جي لاءِ رشوت گهري پئي وڃي، پئسا نه ڏيندڙن کي انتظار ڪرائڻ بعد واپس موٽايو وڃي ٿو

حيدرآباد (نمائندن وٽان) سنڌ جي مختلف شهرن ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي سينٽرن پاران رجسٽريشن ۽ پئسن لاءِ آيل عورتن جي وڏي ڀيه نظر اچي رهي آهي. ميهڙ ۾ احساس سينٽر ۾ رجسٽريشن لاءِ آيل عورتن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ميهڙ: بينظير ڀٽو پروگرام سينٽرن پاران عورتن جي ڀيه نظر اچي رهي آهي

پارٽ ڪرڪيٽ کي سپر پاور طور هلائي رهيو آهي: عمران خان

لاهور (م ڊ) پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جي اڳوڻي ڪپتان عمران خان جو چوڻ آهي ته ڀارت سپر پاور بڻجي ڪرڪيٽ هلائي رهيو آهي، اهو فيصلو ڪندو آهي ته ڪير ڪيڏڻ گهرجي ۽ ڪير نه ڪيڏڻ گهرجي. پرڏيهي ميڊيا کي ڏنل انٽرويو ۾ عمران خان چيو ته ڀارت جي روين ۾ غرور آهي. ڀارت وٽ ٻين ملڪن کان وڌيڪ آمدني پيدا ڪرڻ جي صلاحيت آهي. هو سپر پاور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ٽنڊوڄام: سنڌ زرعي يونيورسٽي ملازمن جو جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

ائين ڏينهن به جاري روزاني جي بنياد تي هڪ ڪلاڪ جي علامتي بڪ هڙتال ۽ احتجاج جاري رکيو ويو

اسان مسلسل سراپا احتجاج آهيون پر وائس چانسلر وٽ ايترو ٽائم ناهي: اڳواڻ

ٽنڊوڄام (رپورٽر) آل سنڌ يونيورسٽي ايمپلائيز فيڊريشن جي يونٽ سنڌ زرعي يونيورسٽي پاران ملازمن جي جائز مطالبن جي حل لاءِ جاري ڪيل جدوجهد اڄ 8 ڏينهن به جاري روزاني جي بنياد تي هڪ ڪلاڪ جي علامتي بک هڙتال ۽ احتجاج/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

شهدادپور لڳ ڪارنهن الزام ۾ پيءُ هٿان نوجوان ڌيءُ قتل

ڳوٺ حامد ڏيري ۾ سحري وقت ڪارنهن جو الزام مڙهي پيءُ حاجي خان ڏيري ڪنواري ڌيءُ گل بانو ڏيري کي رائيفل جو سڌو فائر ڪري قتل ڪري ڇڏيو

اطلاع تي تعلقه ٽائي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ ورتي، تعلقه اسپتال ٽنڊو آدم مان پوسٽ مارٽم ڪرائي وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

شهدادپور (رپورٽر) شهدادپور لڳ تعلقه ٽائي ٽنڊو آدم جي حد ڳوٺ حامد ڏيري ۾ سحري وقت ڪارنهن جو الزام مڙهي پيءُ حاجي خان ڏيري گهر ۾ ننهنجي ڪنواري ڌيءُ گل بانو ڏيري کي رائيفل جو سڌو فائر ڪري قتل ڪري ڇڏيو جڏهن اهڙي اطلاع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

مذهب جي جبري تبديلي ۽ ڇوڪرين جي اغوا خلاف دراوڙ اتحاد جو مارچ

مارچ دوران نارين جي جبري مذهب جي تبديلي ۽ اغوا وارا واقعا روڪڻ جو مطالبو

دلت ڪميونٽي جي ڇوڪرين کي زبردستي اغوا ڪري مذهب تبديل ڪيو وڃي ٿو: اڳواڻ

ڪراچي (م ڊ) مذهب جي جبري تبديلي ۽ ڇوڪرين جي اغوا خلاف دراوڙ اتحاد جو ڪراچي پريس ڪلب کان سنڌ اسيمبلي تائين مارچ، نارين جي جبري مذهب جي تبديلي ۽ اغوا وارا واقعا روڪڻ جو مطالبو، اڳواڻن چيو آهي ته دلت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: مذهب جي جبري تبديلي ۽ ڇوڪرين جي اغوا خلاف دراوڙ اتحاد پاران ڪڍيل مارچ جو ڏيک

عوام جي ڪيسن تي ڌاڙو، نيپرا واڌو سرچارج لاڳو ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

نيپرا حڪومتي درخواست تي بجلي واهپيدارن تي 335 ارب رپين جو واڌو بار وجهڻ جي منظوري ڏني

بجلي جي واڌو سرچارج گهريلو، صنعتي، ڪمرشل ۽ زرعي واهپيدارن تي لاڳو ٿيندي

حڪومت هن سال جون تائين 3 رپيا 82 پئسا في يونٽ واڌو سرچارج وصول ڪندي

اسلام آباد (م ڊ) نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) مهانگائي سٽيل عوام تي هڪ ڀيرو ٻيهر بجلي بم ڪيرائي ڇڏيو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڌار ڌار پوليس مقابلا، 2 ڌوهاري مارجي ويا

ڪشمور ويجهو پوليس سان مبينا مقابلي ۾ ٻه ڌوهاري محمد عامر ٻٽ ۽ محمد بلال پنهور مارجي ويا

جوابدار ڳاڏين مان بيٽريون ۽ ٻيو سامان چوري ڪري رهيا هيا ته مقابلو ٿيو: پوليس

لاڙڪاڻي پوليس پاران به مبينا مقابلي دوران هڪ جوابدار علي خان بليدي کي زخمي حالت ۾ ڪرڻ جي دعويٰ

حيدرآباد (نمائندن وٽان) سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڌار ڌار پوليس مقابلا، 2 ڌوهاري مارجي ويا، 3 جوابدارن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

آرٽيفيشل انٽيليجنس ذريعي پنج هزار سال پراڻي تاريخي ماڳ موهن جي دڙي جون تصويرون سوشل ميڊيا تي وائرل

ڏوڪري (م ڊ) سنڌ جو قديمي ماڳ موهن جو دڙو ڪيئن هيو؟ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ڪيئن هئي؟ ماڻهو ڪهڙو لباس پهريندا هيا؟ ٿئي جي نوجوان رحمت الله مير بحر آرٽيفيشل انٽيليجنس ذريعي پنج هزار سال پراڻي سنڌ جي تاريخي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ملڪ ۾ مهانگائي وڌيڪ وڌڻ جو امڪان

سپلاءِ ۽ ڊيمانڊ ۾ فرق سبب مهانگائي ٿي آهي: ماهوار رپورٽ

ڪرنٽ اڪائونٽ خسارو گهٽائڻ لاءِ ڪم ٿي رهيو آهي

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ مهانگائي وڌيڪ وڌڻ جو امڪان، ناڻي واري وفاقي وزارت مهانگائي بابت ماهوار رپورٽ جاري ڪري ڇڏي، رپورٽ ۾ چيو ويو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪامريڊ غلام رسول سهتو جي ٻي ورسي ملهائي وئي، اڳواڻن جو خطاب

محراب پور (رپورٽر) هاري تحريڪ ۽ سڄل ڪميونسٽ پاران سنڌ هاري ڪميٽي جي اڳوڻي مرڪزي صدر ڪامريڊ غلام رسول سهتو جي ٻي ورسي پبلڪ لائبريري ۾ ملهائي وئي. ورسي تقريب ۾ سنڌ هاري ڪميٽي جا اڳواڻ سگا اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اوگرا ايل پي جي جي اگهه ۾ وڏي لاٽ جو اعلان ڪري ڇڏيو

ايل پي جي قيمت 48 رپيا 78 پئسا في ڪلو گهٽ ڪئي وئي

في ڪلو ايل پي جي جي نئين قيمت 228 رپيا 99 پئسا مقرر ڪئي وئي

اسلام آباد (م ڊ) آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) ايل پي جي جي اگهه ۾ وڏي لاٽ جو اعلان ڪري ڇڏيو اوگرا طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

قمرالدين چانڊيولڳ پرائمري اسڪول سمي جو ٽڙ ۾ استاد نہ هجڻ سبب 150 شاگردن جو مستقبل داءُ تي لڳل

عرفان علي لاشاري بخشڻ لاشاري رضامحمد لاشاري سانوڻ خان لاشاري جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڪافي دفعا ڊي اي او نوشهروفيروز ٽي اي او مورو کي شڪايتون ڪيوسين تہ اسان جو اسڪول بند آهي:مظاهرين

استاد مقرر ڪري معصوم شاگردن جو تعليمي مستقبل بچايو وڃي ۽ اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي: ڳالهيون

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) قمرالدين چانڊيولڳ پرائمري اسڪول سمي جو ٽڙ ۾ استاد نہ هجڻ سبب 150 شاگردن جو مستقبل داءُ تي لڳل استاد سميت چوڪيدار بدلي ٿي ويو تفصيل موجب قمرالدين چانڊيولڳ گورنمينٽ برايز پرائمري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهرو فيروز: پرائمري اسڪول سمي جو ٽڙ ۾ استاد نہ هجڻ خلاف شاگردن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

پرياسٽي پرسان لاڪا برادري پاران ٻاڻرن توڙي ڪنڊيارو پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

لندو موري جي رهواسي لاڪا برادري جي جاويد لاڪو علي نواز لاڪو آصف لاڪو احتجاج ڪيو

2014 ۾ اسان راجپوت برادري جي ماڻهن کان 21 ايڪڙ زرعي زمين ورتي هئي:مظاهرين

اعواڻ برادري جا شوڪت اعواڻ لياقت اعواڻ ۽ ٻيا پوليس معرفت زبردستي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا

نوشهرو فيروز(ڊ. ر) پرياسٽي پرسان لاڪا برادري پاران ٻاڻرن توڙي ڪنڊيارو پوليس جي زيادتين خلاف ٽائرساڙي احتجاج ڊي ايس پي ڪنڊيارو کي هٽائڻ جو مطالبو خبر موجب پرياسٽي پرسان لندو موري جي رهواسي لاڪا برادري جي جاويد لاڪو علي نواز لاڪو آصف لاڪو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٻاڻرن پاران مبينا زرعي زمين تي قبضي جي ڪوشش توڙي ڪنڊيارو پوليس جي زيادتين خلاف لنڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهرو فيروز: لاڪا برادري پاران ٻاڻرن توڙي ڪنڊيارو پوليس خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪوسڪي پوليس شهر ۾ دڪان تي ويٺل ايس ٽي پي اڳواڻ کي ڪنيي غائب ڪري ڇڏيو، احتجاج

ستار ٻرڙي جي ننڊو ٿاڻي تي گرفتاري ظاهر، ڪوسڪي پوليس مٿس چرس رکڻ جي ايف آئي آر داخل

پوليس بااثر منشيات فروشن خلاف احتجاج ڪرڻ بعد ڏمرجي ڪنيي غائب ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

ستار ٻرڙي تي ڪوڙو ڪيس خارج ڪري ڪوسڪي پوليس خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: ميڊيا سان ڳالهيون

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڪوسڪي پوليس شهر ۾ دڪان تي ويٺل ايس ٽي پي ڪوسڪي ٽائون جي صدر عبدالستار ٻرڙي کي ڪنيي غائب ڪري ڇڏيو ايس ٽي پي جي ڪارڪنن جو شهر ۾ احتجاج ڌرڻو هٽڻ کان چار ڪلاڪن ڪانپو، ستار ٻرڙي جي ننڊو ٿاڻي تي گرفتاري ظاهر ڪوسڪي پوليس مٿس چرس رکڻ جي ايف آئي آر داخل ڪري ڇڏي آهي خبر موجب سنڌ ترقي پسند /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

رتوديرو ۾ ٻالڪ سنگت جو اجلاس، هفتيوار "ٻالڪ لطيفي ڪچهري" ڪوئنٽ جو اعلان

هر ٻار کي هفتي ۾ شاهہ لطيف جو هڪ بيت سمجهاڻي سميت ياد ڪرايو ويندو: چيف آرگنائيزر

هفتي ٻالڪ لطيفي ڪچهري ڪوئنٽ جو مقصد ٻارن ۾ لطيف شناسي وارو رجحان پيدا ڪرڻ آهي

شاهزيب جويو، سراج تونيو، محسن عباس ابڙو، عبدالڪريم سومرو، ضامن سولنگي ۽ ٻيا شريڪ

ٿئون ديرو(رپورٽ شاد محمود پتو) رتوديرو ۾ ٻالڪ سنگت جو اجلاس هفتيوار "ٻالڪ لطيفي ڪچهري" ڪوئنٽ جو اعلان: ناليوارو اديب ۽ شاعرساقي ابڙوليڪچرڊيندو: هر ٻار کي هفتي ۾ شاهہ لطيف جو هڪ بيت سمجهاڻي سميت ياد ڪرايو ويندو/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

پ ٽ الف جا مطالبا تسليم نہ ٿيا پ ٽ الف جي سڏ تي دادو ۾ احتجاجي مظاهرو

استادن ڊي اي او پرائمري ۽ ڊي اي او سيڪنڊري جي آفيسن جو گهيراءُ ڪري ڌرڻو هنيو

عنايت جمالي، وسيم ڪوڪر، اياز ٽيبو ۽ ٻين تعليم کاتي جي ڪامورن خلاف شديد نعري بازي

9 مهينن کان پگهارون نہ پيون ڪيون وڃن، ڪامورا ڳري رشوت طلب ڪري رهيا آهن:مظاهرين

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) پ ٽ الف جا مطالبا تسليم نہ ٿيا پ ٽ الف جي سڏ تي وڏي انگ ۾ استادن مين پرائمري اسڪول کان مارچ ڪري ڊي اي او پرائمري ۽ ڊي اي او سيڪنڊري جي آفيسن جو گهيراءُ ڪري ڌرڻو هنيو استاد مظاهرين امتياز لنڊ، شمشاد جتوئي، عنايت جمالي، وسيم ڪوڪر، اياز ٽيبو ۽ ٻين تعليم کاتي جي ڪامورن خلاف شديد نعري بازي ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سونڊا واسي نوجوان موهن جو دڙو جي 5 هزار سال اڳ جون خيالي تصويرون ناهي ورتيون

موهن جي دڙي ۾ رهندڙ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، لباس، ثقافت، خوبصورت عمارتن جي نمائش

ڳچي ۾ پاتل زيورات، پالتو جانورن توڙي ڪاروبار ۽ هنر بابت نوجوان خيالي تصويرون ناهي ڇڏيون

آرٽيفيشل انٽيليجنس تي هوندن ڪافي عرصي کان ڪم ڪندو رهيو آهيان: رحمت الله ميربحر

ٺٽو(ڊ) جديد ٽيڪنالاجي وسيلي سونڊا واسي نوجوان رحمت الله ميربحر موهن جو دڙو جي 5 هزار سال اڳ جون خيالي تصويرون ناهي دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو آهي، هن موهن جي دڙي ۾ رهندڙ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، لباس، ثقافت، خوبصورت عمارتن گهرن جي جوڙجڪ، ماڻهن توڙي سنڌن ڳچي ۾ پاتل زيورات، پالتو جانورن توڙي ڪاروبار ۽ هنر بابت نوجوان خيالي تصويرون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

اسلاميا ڪاليج بدين جو پروفيسر ناميارو تعليمي ماهر سائين غلام نبي لاڏاڻو ڪري ويو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) اسلاميا ڪاليج بدين جو پروفيسر ناميارو تعليمي ماهر سائين غلام نبي رستماڻي ڪال جناح اسپتال ڪراچي ۾ علاج دوران وفات ڪري ويو سنڌس ٽي ڏينهن اڳ 19 گريڊ ۾ پروموشن ٿيو هو ڪيس دل جي تڪليف سبب جناح اسپتال ڪراچي نيو ويو هو جتي علاج هلندي هن دم ڏنو، جي حوالي ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٺٽو: موهن جو دڙو جي 5 هزار سال اڳ جون خيالي تصويرون ناهي خوبصورت عمارتن جي نمائش ڪري ڇڏي

ڊي اي او نوشهروفيروز جي منياٽي گرلس هاءِ اسڪول ۾ انڪوائري جي سلسلي ۾ آمد

هيڊ مسٽريس غلط ثابت ٿيڻ تي ڊي اي او نوشهروفيروز پاران چند پٽيندي وارننگ ڏئي ڇڏي

ڊي اي او شاگردياڻين جي والدين کان هيڊ مسٽريس جي اڏنگي رويي خلاف معافي گهري ورتي

ڪا بہ فيس مقرر ناهي ٿيل پر هيڊ مسٽريس ڪرپشن ڪئي آهي ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي:شهري

نوشهرو فيروز (ڊ. ر) ڊي اي او نوشهروفيروز اڳيان شاگردياڻين جي والدين پاران شڪايتن جا انبار لڳايي ڇڏيا تفصيل موجب ڪيترن ئي ڏينهن کان هلندڙ گرلس هاءِ اسڪول منياٽي جي هيڊ مسٽريس واري معاملي جو ڊي اي او نوشهروفيروز نوٽيس وٺندي اڄ منياٽي گرلس هاءِ اسڪول پهتو جتي انڪوائري دوران شاگردياڻين ـــ راجپوت ۽ ـــ ملڪ جا والدين مولوي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سنڌ ملاح فورم جي سربراهہ ڊاڪٽر سائين رکيو ميراڻي پاران ٽارگيٽ ڪلنگ جي مذمت

ڏک جي ڳالهہ آهي جو ڪراچي ۾ ٻيهر ٽارگيٽ ڪلنگ جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي: سائين رکيو

دهشتگردي جي واقعي ۾ ڊاڪٽر بيربل شهيد ٿي ويو، مذمت توڙي ڏک ڪجي اهو گهٽ آهي: ڳالهيون

ٺٽو(ڊ) سنڌ ملاح فورم جي سربراهہ ڊاڪٽر سائين رکيو ميراڻي، سنڌ ملاح فورم جي سينيئر نائب صدر ڏاڏا آدم گندرو، سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل ذوالفقار علي ملاح، سنڌ ملاح فورم ڪراچي ڊويزن جي صدر ماجد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڊپٽي ڪمشنر بدين پاران پرائس ڪنٽرول جي سلسلي ۾ مارڪيٽ جو دورو

واپاري رمضان بابرڪت مهيني ۾ پنهنجو نفعو گهٽ کان گهٽ رکن: آغا شاهنواز خان

يوٽيليٽي اسٽورن تي اٽي جي ڪوٽ جلد ختم ڪئي وڃي، عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان پرائس ڪنٽرول جي سلسلي ۾ مارڪيٽ جو دورو ڪيو ۽ سرڪار پاران جاري ڪيل اگهہ لسٽون چيڪ ڪيون ان موقعي تي هن دڪاندارن کي هدايت ڪئي تہ هو رمضان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

بدين: ڊپٽي ڪمشنر بدين پاران پرائس ڪنٽرول جي سلسلي ۾ مارڪيٽ جو دورو ڪندي

ڪجهہ ڪڌڙن پريس ڪانفرنس ڪئي جيڪا ڪوڙ تي مشتمل آهي: خواجہ سرا اسلم پنهور

شهر ۾ نوجوان ڇوڪرن کي ورغلائي انهن کي ڪڌڙو بڻائي ڪانئن جسم فروشي ڪرائي وڃي ٿي

مراد ناڪو پٽي ڪالوني، غريب آباد ڪالوني سميت 20 ڪالونين ۾ جسم فروشي جا اڏا هلائين پيا

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) پاڪستان ليگل يونائيٽڊ سوسائٽي اي پلس ميمبر دادو جي خواجہ سرا اسلم پنهور نقير احتجاجي مظاهرو ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڏڙو لڳ لائق پور جي گرلز پرائمري اسڪول جمعون ڪوڪر جي بلڊنگ جو ڪم رولڙي جو شڪار

ڳوٺ جمعون ڪوڪر جي گرلز پرائمري اسڪول جي عمارت جو ڪم ڪافي مهينن کان ولي رولڙي شڪار

ڳوٺاڻن عبدالرزاق ڪوڪر، مامون ڪوڪر، بشير ڪوڪر، مختيار علي ڪوڪر ۽ ٻين سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو لڳ لائق پور جي گرلز پرائمري اسڪول جمعون ڪوڪر جي بلڊنگ جي تعميرات وارو ڪم رولڙي جو شڪار، اسڪول ۾ داخل نياڻين جي تعليم متاثر، ڳوٺاڻن جو احتجاج. ڏڙو لڳ لائقپور جي قدير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٽنڊو محمد خان ۾ ٽنڊو جام جي رهواسڻ مسمات فاطمہ پاران احتجاجي مظاهرو

رهواسڻ مسمات فاطمہ پنهنجي مڙس زبير علي سان گڏجي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

ڪجهہ ڏينهن پهرين مون اسلام قبول ڪري زبير علي سان پرڻو ڪيو آهي: مسمات فاطمہ

ٽنڊو محمد خان (ڊ مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ ٽنڊو جام جي رهواسڻ مسمات فاطمہ پنهنجي مڙس زبير علي سان گڏجي پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٽنڊو محمد خان: پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ جي اپيل ڪندي

ڪراچي ٽيچر سوسائٽي مين چوڪ روڊ تي پيٽرول مفت ۾ نہ ڏيڻ تي نوجوان تي تشدد

موٽرسائيڪل تي سوار ٻن پوليس عملدارن پاران پورهيت نوجوان تي تشدد ڪرڻ جو انڪشاف

اهلڪارن منهنجو پيٽرول روڊ تي هاري مون سان تمام وڏي زيادتي ڪئي وئي آهي: پورهيت نوجوان

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ٽيچر سوسائٽي مين چوڪ روڊ تي پيٽرول مفت ۾ نہ ڏيڻ تي سچل ٿاڻي جي موٽرسائيڪل تي سوار ٻن پوليس عملدارن جو پورهيت نوجوان تي تشدد سنڌس جو پيٽرول روڊ تي هاري ڇڏيو متاثر پورهيت نوجوان جو ايڊيشنل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڪراچي سچل ٿاڻي جي حد اندر صحافي سعيد پتو کان ڦر ڪندڙ جوابدار گرفتار نہ ٿيا

فون ڦر ڪرڻ واري واقعي جي جوابدارن کي سچل ٿاڻي جي پوليس گرفتار نہ ڪري سگهي

امن و امان جي صورتحال خراب ٿيڻ توڙي منشيات جو ڪاروبار هلي رهيو آهي: ساجاهہ وند

ڪراچي (باغي ساگر پنهوار) ڪراچي سچل ٿاڻي جي حد اندر صحافي سعيد پتو کان هٿيار بندن طرفان 3 ڏينهن اڳ ڦر مزاحمت تي سنڌس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪراچي: صحافي سعيد پتو کان ڦر ڪندڙ جوابدار گرفتار نہ ٿيڻ خلاف اڳواڻ احتجاج ڪندي

ايس ايس پي ٺٽو سخت حڪمن بعد پوليس پاران 3 رڪني گينگ کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڊي ايس پي ٺٽو جمع خان پنهور ۽ ايس ايڇ او مڪلي سب انسپيڪٽر اصغر شاهہ ڪارروايون ڪيون

عدو عرف عيد محمد ولد ابراهيم گندرو ـ رضا محمد ولد ڪانڊيرو گندرو عمر ولد مامون گرفتار ڪيا ويا

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو جي سخت حڪمن بعد ٺٽو ۽ مڪلي پوليس مختلف ڏوهن ۾ ملوث 3 رڪني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪراچي شهر جي هر محلن ۾ گرائونڊ تيار ڪيا ويندا: حماد پتو

منشيات کان پاڪ ۽ نوجوان نسل کي اڳتي ڪئي هلنداسون: جماعت اسلامي اڳواڻ

جماعت اسلامي جيڪو واعدو ڪيو اهو واعدو اڄ پورو ڪري ڏنو آهي، عوام سان گڏ آهيون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي شهر جي هر محلن ۾ گرائونڊ تيار ڪيا ويندا جتي منشيات کان پاڪ ۽ نوجوان نسل کي اڳتي ڪئي هلنداسون حماد پتو جماعت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪراچي: جماعت اسلامي اڳواڻ تقريب کي خطاب ڪندي

نوشهروفيروز ۾ هلال احمر پاران رمضان المبارڪ کان اڳ ٻوڏ متاثرن جي سهائتا جاري

آچر سولنگي -حسين ڪلهوڙو، محمد عمر-جيئندو اجڻ -آچر لاڪو-صديق لاڪو ۾ راشن تقسيم

سماجي تنظيم پاران آسپاس جي ڳوٺن مان ايندڙ 1300 کان وڌيڪ متاثرن ۾ سامان ورهايو ويو

متاثرين جي بحاليءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي چو تہ عوام جي خدمت اسان جي اولين ترجيح آهي: اڳواڻ

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) هلال احمر پاڪستان پاران رمضان المبارڪ کان اڳ ٻوڏ متاثرن کي راشن فراهم ڪرڻ جو سلسلو جاري والي شهر مڇر آچر سولنگي حسين ڪلهوڙو، محمد عمر جيئندو اجڻ آچر لاڪو صديق لاڪومحمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز: سماجي تنظيم پاران 1300 کان وڌيڪ متاثرن ۾ راشن تقسيم ڪيو

سجاول ۾ سماجي تنظيم پاران ٻارن جي عالمي ڏهاڙي جي تقريب منعقد، ساجاهہ وندن جي شرڪت

بوائز هاءِ اسڪول ٽڙ خواجہ ۾ اين آر ايس پي اين پي جي پي طرفان ٻارن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو

مشتاق علي خواجہ ۽ گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول جي هيڊماسترياڻي رشيده خواجہ ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ذاڪر خواجہ، قاسم علي خواجہ، قربان علي خواجہ، محمدعلي لغاري، طفيل خليفو، نورعلي خواجہ شريڪ ٿيا

سجاول (رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) سجاول ۾ هڪ سماجي تنظيم پاران ٻارن جي عالمي ڏهاڙي جي تقريب منعقد ڪئي وئي، سجاول ۾ هڪ سماجي تنظيم اين آر ايس پي اين پي جي پي طرفان ٻارن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو، ڏهاڙي جي تقريب سجاول جاتي روڊ لڳ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ٽڙ خواجہ ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ اسڪول جي هيڊماستر مشتاق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

سجاول: سماجي تنظيم پاران ٻارن جي عالمي ڏهاڙي جي تقريب منعقد ڪئي وئي

سچل سرمست جي نگري درازا شريف جي وڏي آبادي صحت جي سهولت کان محروم

40 هزار کان وڌيڪ آبادي رکندڙ درازا شريف جا رهواسي هٿن ۾ پمفليٽ کڻي نڪري آيا

8 سالن کان گورنمينٽ طرفان ڊسپينسري جي بلڊنگ تہ ٺهيل آهي پر سهولتون ناهن: مظاهرين

ايڊووڪيٽ امتياز احمد حاجي، سماجي اڳواڻ صحافي سيد پياس علي شاهہ، رحمت الله احتجاج ڪيو

رانيپور (رپورٽر) هفت زبان شاعر صوفي بزرگ حضرت سچل سرمست جي نگري درازا شريف وڏي آبادي رکندي بہ صحت جي سهولت کان محروم بشيل 40 هزار کان وڌيڪ آبادي رکندڙ درازا شريف جا رهواسي هٿن ۾ پمفليٽ کڻي ڊي سي خيرپور، ڊي ايڇ او خيرپور رحمت الله سولنگي خلاف سخت نعريباري ڪندي روڊن تي نڪري آيا سنڌن چوڻ هيو تہ گذريل 8 سالن کان گورنمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

گڏاپ ۾ صدين کان قائم ڳوٺ مالڪاڻ حقن تعليم صحت پيئڻ جي پاڻي ترقياتي ڪمن کان محروم

زمينن تي قبضا ۽ بلڊر مافيا جي والار هزارين ايڪڙ زمين تي روينيو کاتي پوليس جي ملي ڀڳت سان قبضا

پوليس جي سرپرستي ۾ قبضا ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻا رستن تي نڪري آيا احتجاجي مارچ ريلي مظاهرو ڌرڻو هنيو ويو

ڳوٺ يعقوب بروهي ڳوٺ سميت 100 کان وڌيڪ ڳوٺ اڃا تائين جديد دور ۾ بہ سهولتن کان محروم آهن:مظاهرين

ڪراچي (رپورٽر) گڏاپ ۾ صدين کان قائم 100 سئو ڳوٺ مالڪاڻ حقن تعليم صحت پيئڻ جي پاڻي ترقياتي ڪمن کان محروم صالح محمد جماڻي ڳوٺ سميت 100 ڳوٺن پرسان زمينن تي قبضا ۽ بلڊر مافيا جي والار هزارين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪراچي: ڳوٺاڻا پنهنجي جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان جي سعيد پور ٽڪر ۾ رمضان المبارڪ جي موقعي تي امدادي سامان تقسيم

نجي اداري ڦيونيٽ جي تعاون سان مستحق غريب مسڪين ماڻهن ۾ امدادي سامان ورهايو ويو

وزيراعظم ملڪ ۾ غريب ماڻهن ۾ مفت اٽي تقسيم ڪرڻ جو صرف اعلان ڪيو آهي: سيد ذوالفقار علي

پي ٽي آءِ مان عمران خان کي مائينس ڪرڻ جو مقصد ڪنهن بہ صورت ۾ ڪامياب نہ ٿيندو: تقريب کي خطاب

ٽنڊو محمد خان (ڊ مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي سعيد پور ٽڪر ۾ رمضان المبارڪ جي موقعي تي تحريڪ انصاف ، نجي اداري ڦيونيٽ جي تعاون سان مستحق غريب مسڪين ماڻهن ۾ امدادي سامان تقسيم ڪيو ويو ، ٽنڊو محمد خان ۾ تحريڪ انصاف جي صوبائي اڳواڻ سيد ذوالفقار علي شاهہ ، ڦيونيٽ جي جميل احمد ۽ ٻين سعيدپور ٽڪر ۾ رمضان المبارڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

مڪلي باءِ پاس وٽ قومي شاهراهہ تي مسافر وين ۽ مزدا ۾ خوفناڪ ٽڪر، 20 ڄڻا زخمي

وين ۽ مزدا ۾ ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ وين ۾ سوار 20 کان وڌيڪ مسافر سخت زخمي ٿي پيا

زخمين ۾ نور احمد، رزاق، غلام علي، مجيد، ستار، حيدر، حاجي حسين، علي حسن ۽ ٻيا شامل آهن

مڪلي پوليس بروقت پهچي گاڏين کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي جانچ جاري ڪري ڇڏي آهي:ذريعا

ٺٽو(ڊ) مڪلي باءِ پاس وٽ قومي شاهراهہ تي مسافر وين ۽ مزدا ۾ آمهون سامهون خوفناڪ ٽڪر، مرد، عورتن ۽ ٻارڙن سميت 20 ڄڻا سخت زخمي، زخمي سول اسپتال مڪلي ۾ داخل. تفصيل موجب مڪلي باءِ پاس وٽ ٺٽو/ڪراچي قومي شاهراهہ تي مسافر وين ۽ مزدا ۾ زوردار ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ مسافروين ۾ سوار 20 کان وڌيڪ مسافر سخت زخمي ٿي پيا. زخمين ۾ عورتون. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٺٽو: مڪلي باءِ پاس تي مسافر وين ۽ مزدا ۾ خوفناڪ ٽڪر سبب 20 ڄڻا زخمي ٿي پيا

ڏوڪري ۾ اٽي جي مد ۾ ڏنل ٻہ هزار مان پنج سو روپيہ ڪٽوتي ٿيڻ خلاف احتجاج

ڏوڪري(رپورٽر) ڏوڪري ۾ سنڌ حڪومت پاران اٽي جي مد ۾ ڏنل ٻہ هزار مان پنج سو روپيہ ڪٽوتي ڏوڪري سينٽر تي مستحق عورتن جون ميڊيا اڳيان دانهون. ڏوڪري مسمات ڏياڻي، زليخان خاتون، رحيمان بروهي، دلشاد راڻي ۽ ٻين ميڊيا جي نمائندن اڳيان دانهيون آهي تہ حڪومت پاران اعلانيل اٽي جي ٻن هزارن مان ڏوڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪامريڊ غلام رسول سهتو هميشہ مظلومن جو آواز بلند ڪندڙ انسان هو: ساجاهہ وند

ڪامريڊ حقن خاطر جيلن جون سختيون برداشت ڪيون ۽ ڪڏهن بہ جهڪڻ واري آڻ نہ مڃي

محرابپور هاري تحريڪ ۽ سچل ڪميونٽي پاران غلام رسول سهتو جي ٻي ورسي تقريب منعقد

ورسي ۾ هاري ڪميٽي جا اڳواڻ، سگا اڳواڻ، سچل ڪميونٽي ،سياسي سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي ساسٽيو) هاري تحريڪ ۽ سچل ڪميونٽي پاران سنڌ هاري ڪميٽي جو اڳواڻ مرڪزي صدر ڪامريڊ غلام رسول سهتو جي ٻي ورسي ۾ پبلڪ لائبريري ۾ ملهائي وئي، ورسي تقريب ۾ سنڌ هاري ڪميٽي جا اڳواڻ، سگا اڳواڻ، سچل ڪميونٽي ،سياسي سماجي اڳواڻن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ورسي تقريب کي ميانداد خاصخيلي، غلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
چنڇر پهرين اپريل 2023ع

حڪمراني "دلپشوري" نہ پر عوامي خدمت جو نالو آهي

چوندا آهن تہ ميڊيا سماج جي آرسي آهي، سماج جو عڪس ميڊيا جي آرسيءَ ۾ نظر ايندو آهي. ماڻهن کي ڪهڙي قسم جي حڪمراني ميسر آهي، قانون جو ڪيترو احترام آهي، ان جو عڪس ۽ اولڙو بہ ميڊيا جي درسنيءَ ۾ ڏسي سگهجي ٿو. پر سماج ۾ ماڻهن کي ميسر طرزِ حڪمراني جو مهاندو ايترو خوفائتو ۽ ڀيجاريندڙ آهي تہ ان ۾ آرسيءَ جو ڪهڙو ڏوهہ؟ ميڊيا جو ڪهڙو قصور؟ ماضيءَ ۾ سنڌ جو ڪينواس گهڻ- رنگو رهيو آهي. جنهن ۾ امن، سهپ ۽ رواداري، اعليٰ قدرن ۽ روشن روايتن جا رنگ موجود رهيا آهن پر هاڻي اهي سمورا رنگ جهڪا ۽ ڌنڌلا ٿي ويا آهن. هاڻي فقط هڪ ئي غالب رنگ آهي، اهو آهي ريتو ۽ ڪهنورنگ. اهو رنگ هاڻي سنڌ جي سڃاڻپ بڻجندو وڃي. سنڌ ۾ رتوڇاڻ آهي، قتل ۽ غارت آهي، مارا ماري آهي. ڪنهن کي بہ قانون جي اوٽ ۽ اجهو ڏيءِ ڪونهي. سنڌ ۾ قانون جي عملداري هڪ خواب بڻجي وئي آهي. ماڻهو پنهنجا فيصلا پاڻ ڪرڻ لڳا آهن. سماج ۾ جيڪي ڪجهہ ٿئي ٿو، اهو ميڊيا ۾ رپورٽ ٿئي ٿو. اهي بہ زمانا هئا، جڏهن اخبارن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ "ڪرائيم ڊائريءَ" جي نالي سان هڪ ننڍڙو باڪس هوندو هو، جنهن ۾ ڏوهن جون خبرون هونديون هيون. پر پوءِ اهو باڪس وقت سان گڏ وسعتون ماڻيندو ويو ۽ هاڻي سڄيون اخبارون ان باڪس ۾ سمائجي ويون آهن. هن وقت سنڌ جون اخبارون "ڪرائيم ڊائرين" جو ڏيک ڏيڻ لڳيون آهن. ڏوهن جون خبرون ايتريون تہ گهڻيون آهن، جو ڪنهن بہ خير جي خبر (ڪا آهي تہ) جي لاءِ جاءِ ئي نٿي بچي. هونئن بہ سنڌ خير جي خبر لاءِ سڪي وئي آهي. سنڌ جي اخبارن، اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا تي نظر وجهڻ سان قانون جي بالادستي تہ پري جي ڳالهہ، قانون جي موجودگيءَ جي ثابتي بہ نٿي ملي. هونئن بہ ڏوهن جي ڪثير خبرن مان حڪمرانيءَ، قانون جي عملداريءَ جو پڻ پتو پوي ٿو. قانون جي عملداري نہ هجڻ جو مطلب اهو آهي تہ، اسان جا حڪمران اقتدار جي خمارن ۾ ايترا تہ مخمور آهن، جو انهن کان پنهنجا منصبي فرض بہ وسري ويا آهن. شايد انهن کي اها ڳالهہ بہ وسري وئي آهي تہ امن امان بہ سندن منصبي ذميواري آهي. قانون جي گمشدگي ڪو افسانو نہ پر حقيقت بڻجي سامهون اچي رهي آهي. ماڻهن مان قانون جو خوف ختم ٿي ويو آهي. پنهنجي مرضيءَ سان پسند جي شادي ڪندڙ جوڙي کي وچ شهر ۾ قتل ڪيو وڃي ٿو، پر قانون ان جي مدد لاءِ نٿو پهچي. روز ماڻهو ڀُنگ خاطر اغوا پيا ٿين. عورتن کي ڪاري ڪري ماريو پيو وڃي، معصوم ٻارڙا قتل پيا ٿين. ايتري قدر جو پنهنجن گهرن ٻاهران کيڏندڙ معصوم ٻارڙيون بہ اغوا ڪري ڀُنگ طلب ڪيو وڃي ٿو. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي پابنديءَ جي باوجود جرڳا پيا ٿين ۽ ڳائي وڄائي ٿين پيا. هُشي ۽ هٿيارن جي زور تي مختلف برادرين وچ ۾ خوني تڪرارن جي باهہ ڀڙڪائي پئي وڃي، سنڌ ۾ قيامتِ صغريٰ برپا آهي پر ان جي باوجود حڪمرانن جو راڳ "سڀ سک چين" لکي ٿو. ڇا امن امان، ماڻهن جو تحفظ، قانون جي عملداري حڪمرانن جي منصبي فرضن ۾ شامل ناهي؟ سنڌ جي مسند نشين ماڻهن کي آخر ڪهڙيون مصروفيتون آهن، جن جي ڪري انهن کي سندن منصبي فرضن کي سرانجام ڏيڻ جي فرصت ئي نٿي ملي؟ بدامني، سماجي ناانصافيءَ ۽ ٻين انيڪ مسئلن جي خلاف احتجاج ٿي رهيا آهن. سنڌ احتجاجن جي پُونءِ بڻيل آهي، پر مجال آهي جو حڪمران انهن احتجاجن کي سنجيده وٺن. دنيا جي ملڪن ۾ احتجاج عوامي بيچيني ۽ حڪمرانيءَ تي بي اعتماديءَ جو اهڃاڻ سمجهيا ويندا آهن ۽ انهن مان ئي عوام جي مزاج جو اندازو ۽ ڪاوڙ جي پرک ڪئي ويندي آهي پر اسان جي حڪمرانن جي تہ "ادا" ئي "او" آهي. سنڌ جي حڪمرانن کي امن امان جي حالتن ۽ قانون جي گمشدگيءَ تي ڳڻتي نہ هجڻ بہ وڏي ڳڻتيءَ جي ڳالهہ آهي. اسان کي ڳڻتي ان ڳالهہ تي بہ آهي تہ، امن امان جي بدتريءَ جو اعتراف بہ نٿو ڪيو وڃي، ڇو تہ اعتراف ڪان پوءِ ئي ان ڪوتاهيءَ جي خاتمي لاءِ وک کڄي سگهندي آهي. پر جڏهن اعتراف ئي نہ ڪيو ويندو ۽ اهڙي ڪارڪردگيءَ لاءِ بہ "احسن ڪارڪردگي" جي دعويٰ ڪئي ويندي تہ بهتريءَ جي اميد ڪيئن ڪري سگهبي! اهو ياد رکڻ گهرجي تہ حڪمراني دلپشوريءَ جو نالو نہ پر عوامي خدمت جو نالو آهي.

بوليءَ سان جُٽ ۽ لفظن سان هٿ چراند

يوسف جميل لغاري

اسين چونہ پلي ڪيڏا بہ وڏا مدبر، عالم، فاضل ۽ ڏاها ٿي وڃون. تنهن هوندي بہ گفتگو دوران لفظن جي تقدس کي برقرار نہ رکي سگهندا آهيون. جيتوڻيڪ دنيا ترقي جا ڏاڪا چڙهي ڪري گهڻو اڳتي نڪري چڪي آهي، ان جي باوجود بہ لکڻين، ڪالمن، مضمونن کان وٺندي نثر توڙي نظم جي سيني صنفن ۾ لفظن جو استحصال اڃان تائين باقاعده سان ٿي رهيو آهي. هر هڪ ماڻهو پنهنجي ڳالهائيندڙ بوليءَ سان وڏي جُٽ ۽ هٿ چراند ڪري ٿو. تمام ٿورا اهڙا ماڻهو آهن. جيڪي انفرادي طور تي دنيا اندر موجود هر هڪ بوليءَ جو ڪيس وڙهي رهيا آهن. ڌرتيءَ جي هن گولي تي سيني کان وڌيڪ سمجهي ويندڙ ۽ آسان بوليءَ پيار جي بوليءَ آهي، جيڪا ٻار سان گڏ ماءُ جي جهولي ۾ نپائي ۽ تاتي ويندي آهي. ظاهري طور تي گهڻا ماڻهو بوليءَ کي سمجهڻ، پرکڻ ۽ ان جي درست استعمال کان اڳ ئي اڪابر ٿي ويهندا آهن. انهن جي اها اڪابري ئي انهن کي راڄ اڳيان ٽشو پيپر جيان بڻائي ڇڏيندي آهي. ڇا توهان ڪڏهن غور ڪيو آهي تہ هر هڪ نينو سيڪنڊ ۾ دنيا جهان اندر ڪيترين بولين ڳالهايون ويندڙيون آهن ۽ انهن بولين جا لفظ هوا سان ملي ڪري تحليل ڇو ٿي ويندا آهن؟ هي ڪو مذهبي عقيدو، عام نظريو يا خاص فلسفو ڪونهي پر هر معمولي ۽ ساده توڙي سمجهہ ۾ ايندڙ سوال/ڳالهہ آهي، جيڪا هر ڪو سمجهي نہ ٿو سگهي. جنهن گهڙي، جنهن پل اوهان پنهنجي اندر جي بولي ٻُڌڻ جي سگهہ حاصل ڪري ورتي، يقين مڃيو اهو ڏينهن اوهان جي امرتا جو ڏينهن هوندو ۽ ڪائنات جا سيئي لڪل پهلو اوهان اڳيان نروار ٿي ويندا.

هر نئين ڏينهن پنهنجي زندگيءَ ۾ شعوري توڙي لاشعوري طور تي اسان ڪوڙ سارن تجربن مان گذرندا آهيون. انهن ۾ ڪجهہ تجربا اهڙا بہ هوندا آهن، جن جي چونڊ ۾ اسان جو ذاتي عمل دخل شامل هوندو آهي. سنڌي ادب جي هڪڙي روشن ستاري جو ناول ڇپيو ان جو خيال هو تہ آئون سندس نئين ناول تي پنهنجو تفصيلي رايو ڏيان. اتفاق سان ٿيو ائين تہ مون سندس ناول تي هڪڙو جامع ۽ منصل رايو لکيو جيڪو هڪ سنڌي رسالي ڏانهن پڻ موڪليم. انهن چاپڻ ۾ دير ٿي نہ ڪئي. اهو رايو جڏهن ناول نگار جي نظرن مان گذريو تہ ڪيس ڏاڍو پسند آيو ۽ ان منهنجا ٿورا مڃيا. جنهن وقت اُن ناول نگار جو ٿورا مڃڻ وارو پيغام مون کي موصول ٿيو تہ مون کان هڪ وڏو ٽهڪ نڪري ويو اهو ٽهڪ اڃا تائين منهنجي وجود اندر ڪنهن وڏي سڏ ۽ پڙلاءُ جيان گونجي رهيو آهي. آئون حيران آهيان تہ واقعي اهو ناول ڪيڏو نہ شاندار هوندو، جنهن کي پڙهڻ کانسواءِ ئي مون ان تي پنهنجو منصل رايو لکيو ۽ اهو ليکڪ کي پسند اچڻ سان گڏ رسالي جي مصروف ترين صفحن ۾ جاءِ والارڻ ۾ پڻ ڪامياب ويو. منهنجي زندگيءَ جو هي تجربو منهنجي پسند هو جيڪو شروعات ۾ ڏکيو نظر اچڻ کانپوءِ بہ منهنجي لاءِ وڏي سهل پيدا ڪري ويو.

دنيا اندر جيڪي بہ لفظ انساني چپن جي حرڪت ڪان پوءِ جنم وٺن ٿا. انهن لفظن ۾ سيني کان وڌيڪ وزني ۽ ڳرو لفظ "موت" آهي. هي اهو لفظ آهي، جنهن کي گونگا ڪرڻ اُچاري سگهندا آهن ۽ ٻوڙا ٻُڌي نہ سگهندا آهن. تنهن هوندي بہ هر گونگو ماڻهو ڊور ڏيکو ۽ پڪي انهيءَ لفظ جي وزن جي پلي پٽ ڄاڻ رکي ٿو انهيءَ جي پيٽ ۾ لفظ "زندگي" جيتوڻيڪ اهڙو نفيس، سرور ڏيندڙ تلفظ آهي، جنهن جون گهڻيون ئي معنائون آهن. هر هڪ معنيٰ مان وري ان ڪٽ ٻيون معنائون دريافت ٿينديون آهن. اوهان پلي پاڻ کي ڪاغذي اصولن، ظاهري ڏيکاءُ ۽ خيالن جي انتشار کان پاسيرو رکندا اچو تنهن هوندي بہ اوهان جو ذهن اوهان کي ڪنهن غير متوقع وقت ۾ اهڙي جاءِ تي وٺي ويندو جنهن جاءِ جو تصور ڪنهن بہ مذهب، ڪنهن بہ نظريي يا ڪنهن بہ فلسفي ۾ اڄ ڏينهن تائين بيان ڪونہ ڪيو ويو آهي. انسان جي پيدا ٿيڻ جو اصل مقصد جيڪو پهريان ططي ڪيو ويو هو اهو اڃا تائين گجهہ رکيل آهي. جيڪي ڳالهيون بيان ٿيل آهن. اهي ان پورين ۽ وزن دار ڪونهن. اسان جي آس پاس نظر ايندڙ جيڪي آواز موجود آهن، انهن جي دم سان ئي اسان زنده آهيون. ساهہ کڻون ٿا، گهمون ڦرون ٿا. ڪم ڪار ڪريون ٿا. انهن سمورن آوازن کي جيڪڏهن هڪڙي منٽ لاءِ بہ بند ڪيو وڃي تہ هن ڪائنات جو توازن خراب ٿي پوندو ۽ اُها تباهہ ٿيڻ ۾ گهڻو وقت ڪونہ لڳائيندي. اندر جي سازن سان انهن ٻاهرين آوازن جو پراڻو تعلق آهي. جڏهن اظهار جا سيئي دربند ٿي ويندا آهن تہ اداس لفظ ڳوڙهن جو روپ وٺي اکين مان جاري ٿيڻ شروع ٿيندا آهن. انسانيت جي بوليءَ کي مايوسيءَ جو اهو پهر صدين کان ساڙي رهيو آهي. ماڻهو ڪيڏو نہ بي وس آهي، جو اظهار جي موقعي کان محروم ٿي وڃڻ کانپوءِ پنهنجو هوش وڃائي ويهندو آهي. انهيءَ ڳولها ۾ لفظن جي تشريح ڪرڻ جو ليڪو پنهنجي ڪلهن تي کڻندي صدين تائين پنڌ ڪرڻ ۾ جنبي وڃڻ کي پنهنجي لاءِ نجات سمجهندو آهي. هي هڪ بي نام مسافري آهي، جنهن کي ڪو بہ سهڻو ٺهڪندڙ ۽ قد آور نالو نہ ٿو ڏئي سگهجي. هن جو ڪو بہ نالو اڃا تائين وجود ۾ آيو ئي ڪونهي. هزارين سوال انهيءَ پنڌ ۾ پيرن هيٺان اچي لتاڙجي وڃن ٿا. لفظ جو رقص ڪائنات جي هر هڪ ننڍي توڙي وڏي چيز ۾ روز ازل کان جاري آهي. پاڻ اکيون ٻوٽي ڇڏيون يا وري اکيون کولي ڇڏيون، لفظن جو تقدس پائمال ٿيندو رهندو ۽ انهيءَ معاملي کي سمجهڻ جهڙوڪ بکايل فقير کي عقل جي زڪوات ڏيڻ آهي.

ڪجهہ ڏينهن پهرين هڪڙو ننڍڙو پر معنيٰ خيز مضمون نظرن مان گذريو جنهن ۾ لکيل هو تہ "مسافرن سان ڀريل هڪ جهاز ڪري تباهہ ٿيو جهاز ۾ سوار سيئي مسافر فوت ٿي ويا، سواءِ هڪ پولڙي جي. جهاز سان پيش آيل حادثي جي تحقيق شروع ٿي. بليڪ باڪس مان جيڪا معلومات ملي، ان مان انهيءَ ڳالهہ جو پتو نہ پئجي سگهيو تہ جهاز ڇو تباهہ ٿيو. گهڻي ڏک ڊوڙ ڪان پوءِ ماهر انهيءَ نتيجي تي پهتا تہ پولڙي کي اهڙي تربيت (Training) ڏجي جو اهو جهاز سان پيش آيل حادثي ۾ تحقيقاتي ڪميٽي جي مدد ڪري سگهي. آخرڪار ڪجهہ ڏينهن جي مٿي ماريءَ ڪان پوءِ پولڙو انهيءَ قابل ٿي ويو جو ڪنهن بہ سوال جو جواب اشارن جي وسيلي ڏئي سگهيو ٿي. تحقيقاتي ڪميٽي جي اڳيان پولڙي کي پيش ڪيو ويو هڪڙي آفيسر پنهنجي تحقيق جي شروعات ڪندي اشارن سان پولڙي کان پڇيو تہ، "جنهن وقت جهاز تباهہ ٿيو ان وقت مسافر ڇا ڪري رهيا هيا؟" اشارن ۾ جواب مليو تہ، "ڪجهہ پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا، ڪجهہ رسالا پڙهي رهيا هئا ۽ ڪجهہ آرام ڪري رهيا هئا". جواب ڪانپوءِ تحقيقاتي ڪميٽي جي ميمبرن جا حوصلا بلند ٿيڻ لڳا. پولڙي کان ٻيو سوال اهو ٿيو تہ: "جهاز جي تباهہ ٿيڻ مهل ائيرهوسٽس ڇا ڪري رهيون هيون؟" جواب مليو تہ: "ميڪ اپ ۾ مصروف هيون". تحقيقاتي ڪميٽيءَ جا ميمبر هڪٻئي ڏي معنيٰ خيز نظرن سان تڪڻ لڳا. اڳيون سوال اهو هو تہ: "جهاز تباهہ ٿيڻ مهل پائليٽ ڇا ڪري رهيا هئا؟" جواب مليو: "اهي ننڊ ڪري رهيا هئا". تحقيقاتي ڪميٽي جا ميمبر انهيءَ جواب تي حيران ٿيا. ٿوري دير ڪانپوءِ هڪ ٻيو سوال پڇيو ويو تہ: "ڀلا جهاز جي تباهہ ٿيڻ مهل اوهان ڇا ڪري رهيا هئا؟" انهيءَ سوال ڪان پوءِ پولڙي شرڪندي وڏي فخريہ انداز سان سامهون ٽيبل تي پيل عينڪ کڻي اکين تي رکندي چيو تہ: "آئون ان وقت جهاز هلائي رهيو هئس". هن پولڙي جيان اسان جي معاشري جا ڪوڙ سارا ماڻهو پنهنجي گهرن کي جهاز سمجهي هلائي رهيا آهن ۽ اهي انهيءَ فڪر کان مڪمل طور تي لاتعلق آهن تہ انهن جو گهر تباهہ ٿي رهيو آهي يا نہ؟

❊❊❊❊

بقايا 01

بيدردي سان قتل قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ سنڌ پوليس لاءِ فڪر جو مقام آهي. حڪومت شهرين جي جان، مال ۽ عزت جي حفاظت لاءِ موثر قدم کڻي. جماعت اسلامي سنڌ جي امير هڪ بيان ۾ وڌيڪ چيو تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ جيد عالم سگهورن جي قتل کان پوءِ ماهر ڊاڪٽر جي قتل کان پوءِ عام ماڻهو ۽ ڪاروباري طبقو شديد عدم تحفظ جو شڪار آهي. سنڌ ۾ ڪراچي کان ڪشمور تائين بدامني جي باهہ ڀڙڪي رهي آهي. پر حڪمران عوام جو تحفظ، روزگار فراهم ڪرڻ، مهانگائي جي خاتمي بدران پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ آئيني ادارن مٿان حملي آور آهن. شهر ڪراچي ۾ ٽارگٽ ڪلنگ، اسٽريٽ ڪرائم کان پوءِ ائين لڳي ٿو جڻ جهنگ جو قانون لاڳو ۽ شهرين کي ڏوهارين جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي. عوام جي کيسي مان اربين رپيا امن امان لاءِ اڳاڙيا وڃن ٿا، پر شهرين جي قتل عام، ماڻهن جي جان، مال جو تحفظ ڪرڻ بدران حڪمران سياسي مفادن لاءِ جُنبا پٽ ۾ مصروف آهن. صوبائي امير سنڌ حڪومت کان پُرزور مطالبو ڪيو تہ ڊاڪٽر بيربل جي قتل ۾ ملوث ڏوهارين کي في الفور گرفتار ڪري عبرت ناڪ سزا ڏني وڃي تہ جيئن شهرين ۾ تحفظ جو احساس پيدا ٿي سگهي. هن ڊاڪٽر بيربل مينگهواڙ جي خاندان سان پڻ ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي ڏک جي گهڙي ۾ هرممڪن تعاون جو يقين ڏياريو#

بقايا 02

تہ آهن. اميد آهي تہ سوموٽو جو سچ سٺي خبر کڻي ايندوسپريم ڪورٽ جي 4 رڪني بينچ ٽٽڻ ڪانپوءِ چيف جسٽس جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ ڪيس جي ٻڌڻي هلائي رهي آهي. بينچ ۾ جسٽس اعجاز الاحسن ۽ جسٽس منيب اختر شامل آهن اڄ چار رڪني بينچ ٻڌڻي شروع ڪئي تہ جسٽس جمال مندوخيل ڪيس ٻڌڻ کان معذرت ڪري ڇڏي چيف جسٽس 3 رڪني بينچ پاران ٻڌڻي شروع ٿيڻ تي ريمارڪس ۾ چيو تہ عدالت مشڪلات وڌائڻ لاءِ نہ ويٺي آهي. هڪ ڌر پارٽي چيئرمين جي گارنٽي ڏئي رهي آهي، حڪومت کي بہ شايد ماضي وسارڻو پوندو، حڪومت ۽ اپوزيشن ۾ ڳالهيون ٿين تہ ڪجهہ ڏينهن لاءِ وقفو ڪنداسين جسٽس جمال مندوخيل اختلافي نوٽ تہ ۾ چيو آهي تہ اڄوڪي ٻڌڻي واري فيصلي بابت مون سان مشاورت نہ ڪئي وئي، مان سمجهان ٿو تہ بينچ ۾ مس فٽ آهيان، دعا آهي تہ جيڪا بہ بينچ هجي فيصلو اهڙو اچي جيڪو سيني کي قبول هجي4 رڪني بينچ پاران ٻڌڻي شروع ٿيڻ تي جسٽس جمال مندوخيل چيو تہ جسٽس امين الدين جي اختلافي نوٽ ڪانپوءِ فيصلي جي حڪمنامي جو انتظار هو، مون کي عدالتي حڪمنامو ڪالهہ گهر ۾ مليو حڪمنامي تي مون الڳ نوٽ لکيو آهي جسٽس جمال مندوخيل جي چوڻ تي اٽارني جنرل اختلافي نوٽ پڙهي ٻڌايو. جسٽس جمال مندوخيل چيو تہ الله اسان جي اداري تي رحم ڪري، مون سميت سمورا جج آئين جا پابند آهن. حڪمنامو اوپن ڪورٽ ۾ نہ لکرايو ويو جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي فيصلي جو ڪيل عدالت ۾ جائزو ورتو وڃي. چيف جسٽس عمر عطا بنديال جسٽس جمال مندوخيل کي ڳالهائڻ کان روڪي ڇڏيو. چيف جسٽس چيو توهان جي وڏي مهرباني. بينچ جي جوڙجڪ بابت جيڪو بہ فيصلو ٿيندو ڪجهہ دير ۾ عدالت ۾ ٻڌايو ويندو

بقايا 03

ريفرنس واپس وٺڻ جي هدايت ڪئي هئي.

بقايا 04

سبب ڀاڄ پئي، پوليس ٻڌايو تہ ڀاڄ سبب اتي موجود نالي ۾ ڪِرڻ سبب بہ ٻار ۽ عورتون فوت ٿيون ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا، جن کي اسپتال نيو ويو پوليس اختيارين موجب 15 زخمين کي سول ۽ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو، عباسي شهيد اسپتال ۾ 9 لاش آندا ويا، جڏهن تہ سول اسپتال ۾ بہ لاش پهتا، فيصل ايڌي ٻڌايو تہ عباسي شهيد اسپتال ۾ آندل سيئي لاش عورتن جا آهن، جن ۾ 3 ٻارڙيون بہ شامل آهن، اطلاع موجب راشن مقامي فيڪٽري طرفان ورهايو پئي ويو، اکين ڏٺن شاهدن جو چوڻ آهي تہ زڪوات جي رقم جي ورهاست لاءِ ماڻهن کي فيڪٽري ۾ گهرايو ويو، واقعي جي حوالي سان ايس ايس پي ڪياماڙي چيو تہ فيڪٽري انتظاميا پوليس ۽ ضلعي انتظاميا کي مفت راشن جي فراهمي کان آگاهہ نہ ڪيو هو، اسان کي راشن ۽ زڪوات جي ورهاست جي حوالي سان ڪو اطلاع نہ ڏنو ويو، فيڪٽري مئنيجر سميت 7 ڄڻن کي حراست ۾ ورتو ويو آهي، سندس چوڻ هو تہ فيڪٽري انتظاميا جي ٻين ماڻهن کي بہ حراست ۾ ورتو ويندو، واقعي جي انڪوائري مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي، هوڏانهن سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري واقعي جو نوٽيس ورتو آهي، هن انساني جانيون ضايع ٿيڻ تي افسوس جو اظهار ڪندي ڪراچي جي ڪمشنر کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي.

بقايا 05

ٿيندي، آزاد چونڊون ئي سيني مسئلن جو حل آهن. هن چيو تہ جمهوريت لاءِ تحريڪ انصاف آخري حد تائين ويندي، وڪيلن جي تحريڪ ۾ سڄي قوم انهن سان گڏ هوندي، مضبوط پاڪستان لاءِ مضبوط فوج انتهائي ضروري آهي، قومي ادارن جي مضبوطي پهرين ترجيح آهي. سندس موجب چاهيان ٿو تہ قوم ضرورت پوڻ تي اٿي، جمهوريت ۽ قانون جي حڪمرانيءَ لاءِ روڊن تي نڪري، اسان انهن سيني سياسي جماعتن سان ڳالهائينداسين، جيڪي ان سازش خلاف بيهڻ لاءِ تيار آهن. وڪيل برادري کي اپيل آهي تہ آئين ۽ قانون جي حڪمرانيءَ لاءِ اڳتي اچي.

بقايا 06

جون قيمتي حياتيون ضايع ٿيون آهن. خانگي ٽي وي سان ڳالهہ ٻولهہ ڪندي هن چيو تہ فيڪٽري انتظاميا پوليس ۽ ضلعي انتظاميا کي راشن ورهائڻ بابت ڪابہ اطلاع ڪونہ ڏنو هئي ۽ نہ ئي اجازت ورتي هئي. هن چيو تہ فيڪٽري مالڪن خلاف ايف آئي آر داخل ڪئي وئي آهي ۽ ست ماڻهو گرفتار ڪيا ويا آهن. صوبائي وزير چيو تہ رمضان جي ڀلاري مهيني ۾ هر ڪو نيڪي جو ڪم ڪرڻ چاهي ٿو هن سرندڙي وارن ۽ غيرسرڪاري تنظيمن کي اپيل ڪئي آهي تہ نيڪي جي اهڙين سرگرمين بابت ضلعي انتظاميا ۽ پوليس کي اطلاع ڏنو وڃي تہ جيئن مناسب سيڪيورٽي فراهم ڪئي وڃي. هن چيو تہ پوري پاڪستان ۾ اٽي جي ورڇ دوران پنجاب ۾ افسوسناڪ واقعا پيش آيا، ان کي مدنظر رکندي، سنڌ حڪومت حقدار خاندانن ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي اٽي جي خريداري جي رقم منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو تہ جيئن ان قسم جا واقعا پيش نہ اچن.

بقايا 07

سيڪريٽري چونڊجڻ ۽ سمورن نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪ ڏيان ٿو. پاڪستان پيپلز پارٽي چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي پريس جي آزادي جي حمايت ڪري ٿي صحافتي تنظيمون پنهنجن هيروز کي ياد ڪريو، جن ڪوڙا کاڌا ڪان پوءِ بہ صحافت جي آزادي جو جهنڊو بلند رکيو صحافت جي آزادي جي هيروز آمريت دوران قلم سان جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪئي.

بقايا 08

ڪري ورتي، هن ڪمشنر ڪراچي کي هدايت ڪئي تہ ذميوارن جو تعين ڪيو وڃي، جتي بہ غفلت نظر آئي تہ انهن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. هن چيو تہ مستقبل ۾ اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ قدم کنيا وڃن. هن صحت واري سيڪريٽري کي هدايت ڪئي تہ عباسي شهيد ۽ ٻين ڀرپاسي جي اسپتالن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪري زخمين کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. چيف سيڪريٽري سنڌ انساني جانين جي ضايع ٿيڻ تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو.

بقايا 09

نيشنل پريس ڪلب اسلام آباد ۾ چونڊجڻ تي مبارڪباد ڏني جي. جڏهن تہ بلاول ڀٽو زرداري پاران خليل احمد راڄا کي جنرل سيڪريٽري ۽ نيئر علي کي فنانس سيڪريٽري چونڊجڻ تي مبارڪون ڏنيون بلاول ڀٽو زرداري جي نيشنل پريس ڪلب جي سمورن نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪون ڏنيون بلاول چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي پريس جي آزادي جي حمايت ڪري ٿي

بقايا 10

لکيو ويو، افسوس آهي، گهرو وزير چيو تہ اها صورتحال انتهائي افسوسناڪ آهي ۽ ڪنهن قومي سانحي کان گهٽ ناهي، بينچ 9 مان 3 تي اچي وئي آهي، راڻا ثناءَ الله چيو تہ هڪ معزز جج پهريان بينچ کان ڌار ٿيو ۽ پوءِ بينچ جو حصو رهيو آهي. انصاف ٿيندو نہ ڏسو وڃي، گهرو وزير چيو تہ فل بينچ ڪيس جو فيصلو نہ ڪندي تہ انصاف نظر نہ ايندو. انتشار جو حصو نہ بڻجو فل بينچ ٺاهيو وڃي، هن چيو تہ جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي بينچ جي فيصلي کي چئلينج ناهي ڪيو هو ميدان ۾ لهندا، ن ليگ اڳواڻ چيو تہ هڪ فتني ملڪ کي هن موڙ تي پهچايو آهي، سياسي، انتظامي بحران آهي ۽ هاڻي عدليہ کي بہ پهچايو آهي، راڻا ثناءَ الله چيو تہ هي فتنو ملڪ ۾ افراتفري چاهي ٿو. اهي اسيمبليون آئيني طور توڙي تہ وڃون، پنهنجي صوبن جي وڏي وزير اسيمبلي توڙي تہ ڇڏي، ن ليگ اڳواڻ چيو تہ اها بدمعاشي، وڏائي، ضديا هن فتني جو ايجنڊا هو جنهن اسيمبلي توڙي ڇڏي، ان فتني کي پاڪستان جي سياست مان هٽائڻ تمام ضروري آهي.

بقايا 11

اسلام آباد پوليس کي عمران خان جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪرڻ کان روڪڻ واري ڪيس ۾ حسان نيازي جي 50 هزار رپين جي مچلڪن عيوض ضمانت منظور ڪري ورتي. عدالت ايندڙ ٻڌڻي 8 اپريل تائين ملتوي ڪندي جاچ آفيسر کي پيش رفت رپورٽ سميت طلب ڪري ورتو ٻئي طرف لاهور جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت بہ پي ٽي آءِ ڪارڪنن کي پوليس تشدد ۽ باهہ ڏيڻ جي الزام ۾ حسان نيازي جي ضمانت منظور ڪري ورتي. دهشتگردي ڪورٽ عدالت حسان نيازي جي 8 اپريل تائين ضمانت منظور ڪندي ڪيس ۾ جوابدار کان جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو.

بقايا 12

ٽي آءِ ڪور ڪميٽي جو اجلاس طلب ڪيو ويو. اجلاس ۾ عدالتي فيصلن ۽ سياسي معاملن تي مشاورت ڪئي ويندي، شاهہ محمود قريشي چيو تہ اجلاس ۾ پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن ۽ ڪارڪنن جي گرفتارين تي بہ غور ڪيو ويندو هنن چيو تہ اسان کي ڪيسن ۽ عدالتن ۾ قاسائي اليڪشن مهم کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.

بقايا 13

وڃي، اسان چيف جسٽس آف پاڪستان سان گڏ آهيون، سپريم ڪورٽ ٻاهران ڳالهہ ٻولهہ ڪندي هن چيو تہ ضرورت جي نظريي ۽ آئين ۾ جنگ هلي رهي آهي نظريي جي تذليل ٿيندي ۽ آئين جي فتح ٿيندي. شيخ رشيد جو چوڻ آهي تہ پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان اڄ رات ڪور ڪميٽي جو اهم اجلاس طلب ڪيو آهي، اسان پهرين ڏينهن کان ئي چوندا بابت ڳالهائڻ لاءِ تيار آهيون، هن چيو تہ اسحاق ڊار پاڻ چيو تہ آءِ ايم ايف کي ٻس ڪيو ويو آهي. 2 ارب رپين جا سڪڪ بانڊ روڪيا ويا آهن. هنن جو چوڻ آهي تہ چيف جسٽس آف پاڪستان جي استعيفيٰ جون خبرون سڄي رات پکڙجنديون رهيون، پر چيف جسٽس آف پاڪستان فتح خان بنديال جو پٽ بہ آهي، هو ان کي برقرار رکندو، هنن چيو تہ ججن کي آئين تي عمل ڪرڻو پوندو، قوم سرخرو ٿي ويندي.

بقايا 14

نہ ٿيڻ جوڳا وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا. اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ عورت جج کي ڌمڪيون ڏيڻ واري ڪيس ۾ عمران خان جا 20 هزار رپين جا ضمانتي مچلڪا وارنٽ تبديل ڪري ڇڏيا. عورت جج کي ڌمڪيون ڏيڻ واري ڪيس ۾ چيئرمين تحريڪ انصاف عمران خان جي گرفتاري وارنٽ خلاف نظرثاني اپيل تي ٻڌڻي دوران پراسيڪيوٽر مخالفت ڪئي، اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ۾ پراسيڪيوٽر چيو تہ هن ڪڏهن بہ اهو ناهي پڏو تہ وارنٽ بابت فيصلو سندس غير حاضري ۽ جوابدار جي حق ۾ ٿيو پراسيڪيوٽر چيو تہ پهريان ضمانتي وارنٽ جاري ڪيا وڃن تہ پوءِ ناقابل ضمانت وارنٽ جاري ٿيڻ گهرجن عدالت ۾ عمران خان جي وڪيل ٻڌڻي ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي، ان موقعي تي جج چيو تہ جيڪڏهن ٻڌڻي ملتوي ڪئي وئي تہ ناقابل ضمانت وارنٽ بحال ڪيا ويندا. واضح رهي تہ گذريل ڏينهن اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن عدالت عورت جج کي ڌمڪيون ڏيڻ واري ڪيس ۾ عمران خان جا ناقابل ضمانت گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا هئا.

بقايا 15

هلي رهيو آهي، عوام ان کي قبول نہ ڪندو. ميڊيا سان ڳالهائيندي عطاءَ تارڙ چيو تہ قوم جو دارومدار آئيني تشريح جي سمورن معاملن تي آهي، ڇهن ۽ ٽن جي فيصلي کي تسليم نہ ڪيو ويو. اداري جي ڪهڙي حيثيت آهي. هن چيو تہ هن پهرين ڀيرو سرڪيولر جو عمل ڏٺو آهي. فل ڪورٽ جوڙڻ هاڻي ضروري ٿي ويو آهي، ڇهن ٽن تڪرارن جو حل بہ هاڻي ضروري آهي، ن ليگ اڳواڻ چيو تہ ماڻهو چئي رهيا آهن تہ معاملو استعيفيٰ ڏانهن وڃي رهيو آهي، بہ تارا سرگرم آهن اڳ مهر ۾ هڪ هو هاڻي بہ آهن جيڪي آئين جي بالادستي لاءِ بيٺا آهن. هن چيو تہ ان وقت تارڙ بيٺو هو ۽ اڄ بہ بيٺو آهي، ماڻهو الزام لڳائي رهيا آهن. مختلف ڳالهيون ڪري رهيو آهيان، حلف کڻڻ لاءِ تيار آهيان.

بقايا 16

في تولو سون 700 رپيا وڌڻ ڪانپوءِ 2 لک 8 هزار 700 رپين جو ٿي ويو آهي، اهڙي ريت ڏهہ گرام سون 601 رپيا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ 1 لک 78 هزار 927 رپين جو ٿي ويو آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو قدر 10 ڊالر واڌ سان 1981 ڊالر في اونس آهي.

بقايا 17

جي پيهہ رهي، عملي ۽ پوليس اهلڪار تي تذليل جو الزام هنيو ويو. عورتن جو چوڻ هو تہ سينٽر عملو ۽ پوليس اهلڪار ڌڪا ڏئي تذليل جو نشانو بڻائي رهيا آهن. نوٽيس ورتو وڃي. مستحق عورتن جو چوڻ هو تہ رجسٽريشن جي لاءِ رشوت گهري پئي وڃي. پئسا نہ ڏيندڙن کي انتظار ڪرائڻ بعد واپس موڪليو وڃي ٿو. پوليس اهلڪار عورتن ۽ پيرسن کي تشدد جو نشانو بڻايو آهي. سندس خلاف ڪارروائي وڃي. قاضي احمد ۾ بي آءِ ايس پي سينٽر ٻاهران عورتن جي پيهہ. ٽرڪن تہ ملڻ ۽ سهولتن جي کوٽ جون شڪايتون. عورتن جو چوڻ هو تہ روزو هجڻ باوجود انتظار ڪرايو پيو وڃي. رشوت عيوض ٽوڪن ڏنا پيا وڃن. هنن جو چوڻ هو تہ سڄو سڄو ڏينهن سينٽر ٻاهران بيهاري بنا وظيفي جي واپس موڪليو وڃي ٿو. نوٽيس ورتو وڃي. لاڙڪاڻي ۾ بہ بي آءِ ايس پي سينٽرن تي عورتن جي رش نظر اچي رهي آهي. پئسن مان ڪٽوتي جا الزام هنيا ويا آهن. عورتن جو چوڻ آهي تہ ٻوائيس هولڊر 8500 واري قسط مان 500 کان هڪ هزار رپيا ڪٽوتي ڪري رهيا آهن. ٻئي پاسي فيض گنج جي نادرا آفيس جي عملي ۽ عورتن ۾ ميڻا جهيڙو ٿي پيو فيض گنج جي نادرا آفيس ۾ من پسندن کي ٽوڪن ڏيڻ تان عملي ۽ عورتن ۾ ميڻا جهيڙو ٿي پيو عورتن جو چوڻ هو تہ هيج ۾ من پسندن کي ٽوڪن ڏيڻ تان جهيڙو ٿي پيو نادرا عملي پاران بہ تشدد جو نشانو بڻايو ويو. رات کان ٽوڪن جي انتظار ۾ ويٺل آهيون. نادرا انچارج گارگند ڪري تذليل ڪري رهيو آهي.

بقايا 18

جي سخت مذمت ڪندي واقعي جي غيرجانبدارانہ تحقيقات ۽ ملوث ڏوهارين کي سخت سزا ڏيڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي تہ شهر ڪاٺ ۾ هڪيشي پريان ديني اڳواڻن کان پوءِ وري روشني پکيڙيندڙ ماهر سرجن جو بيدردي سان قتل قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ سنڌ پوليس لاءِ فڪر جو مقام آهي، حڪومت شهرين جي جان، مال ۽ عزت جي حفاظت لاءِ موثر قدم کڻي. جماعت اسلامي سنڌ جي امير هڪ بيان ۾ وڌيڪ چيو تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ جيد عالم سگهورن جي قتل کان پوءِ ماهر ڊاڪٽر جي قتل کان پوءِ عام ماڻهو ۽ ڪاروباري طبقو شديد عدم تحفظ جو شڪار آهي. سنڌ ۾ ڪراچي کان ڪشمور تائين بدامني جي باهہ ڀڙڪي رهي آهي، پر حڪمران عوام جو تحفظ، روزگار فراهم ڪرڻ، مهانگائي جي خاتمي بدران پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ آئيني ادارن مٿان حملي آور آهن. شهر ڪراچي ۾ ٽارگٽ ڪلنگ، اسٽريٽ ڪرائم کان پوءِ ائين لڳي ٿو جڻ جهنگ جو قانون لاڳو ۽ شهرين کي ڏوهارين جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي. عوام جي کيسي مان اربين رپيا امن امان لاءِ اڳاڙيا وڃن ٿا، پر شهرين جي قتل عام، ماڻهن جي جان، مال جو تحفظ ڪرڻ بدران حڪمران سياسي مفادن لاءِ جُنبا پٽ ۾ مصروف آهن. صوبائي امير سنڌ حڪومت کان پرزور مطالبو ڪيو تہ ڊاڪٽر بيربل جي قتل ۾ ملوث ڏوهارين کي في الفور گرفتار ڪري عبرت ناڪ سزا ڏني وڃي تہ جيئن شهرين ۾ تحفظ جو احساس پيدا ٿي سگهي. هن ڊاڪٽر بيربل مينگهواڙ جي خاندان سان پڻ ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي ڏک جي گهڙي ۾ هرممڪن تعاون جو يقين ڏياريس#

بقايا 19

. سنڌ جي انساني حقن واري ڪاتي پاران صوبائي ويجيلنس ڪميٽي جي ميمبرن لاءِ ورڪشاپ ڪرايو ويو، جنهن ۾ سنڌ جي وڏي وزير جي انساني حقن بابت خاص مددگار سريندر ولاسائي، ڪاتي جي سيڪريٽري جاويد صبغت الله مهر، سنڌ ڪميشن فار هيومن رائيٽس جي چيئرمين اقبال ڏيٿو، ڊپارٽمينٽ جيسٽيٽي امپليمينٽيشن سيل جي ايگزيڪيوٽو ڪوآرڊينيٽر جميل حسين جوڻيجو، ذوالفقار شاهہ، ڊاڪٽر سونو مل ڪنگراڻي، ايڊووڪيٽ الطاف کوسو ۽ ٻين خطاب ڪيو. ورڪشاپ ۾ انساني حقن واري ڪاتي جي صوبائي ويجيلنس ڪميٽي جي ميمبرن شرڪت ڪئي، ان موقعي تي خطاب ڪندي وڏي وزير جي انساني حقن بابت خاص مددگار سريندر ولاسائي چيو تہ ويجيلنس ڪميٽي جا ميمبر ڪاتي جي اکين ۽ ڪنن سان گڏوگڏ زمين تي موجود نمائندا بہ آهن. جيڪي انساني حقن جي ڀڃڪڙين کي روڪڻ ۾ اهم ڪردار آهي. هن چيو تہ انساني حقن جو ڪاتو ويجيلنس ڪميٽي سان لاڳاپيل ٽي او آرز ۾ ترميم ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو سريندر ولاسائي چيو تہ ملڪ ۾ عملي ڪم صرف پاڪستان پيپلز پارٽي ئي ڪري رهي آهي. هن چيو تہ ملڪ ۾ اقليتن سميت سماج جي پٺتي پيل طبقن لاءِ جيڪڏهنڪنهن پارٽي قدم کنيا آهن تہ اهي صرف پاڪستان پيپلز پارٽي ئي ڪيا آهن. هن ٻڌايو تہ سنڌ ڪابينا ۾ 6 ميمبر اقليتن سان تعلق رکن ٿا. جن مان 4 شيڊولڪاسٽز سان تعلق رکن ٿا. صرف پاڪستان پيپلز پارٽي شيڊولڪاسٽ جي ماڻهن کي ايتري وڏي نمائندگي ڏني آهي. ويجيلنس ڪميٽي جي ميمبر ۽ مشهور ٽرانسجينڊر رائٽس ايڪٽوسٽس شهزادي راءِ جي شڪايت جو نوٽيس وٺندي سريندر ولاسائي ڪراچي پوليس پاران خواجہ سرائن جي خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جي معاملي تي ويجيلنس ڪميٽي جي ميمبر سردار نزاڪت جي سربراهي ۾ فوري طور تي هڪڪميٽي بڻائڻ جو اعلان ڪيو ۽ خواجہ سر ڪميونٽي کي يقين ڏياريو تہ سنڌ حڪومت انهن جي خلاف ڪابہ ناانصافي کي برداشت نهڪندي، ورڪشاپ ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي سنڌ جي انساني حقن واري ڪاتي جي سيڪريٽري جاويد صبغت الله مهر چيو تہ ويجيلنس ڪميٽي جو مقصد انساني حقن جي ڀڃڪڙين جي نشاندهي ڪرڻ ۽ روڪڻ آهي. هن چيو تہ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جي روڪٿام ۽ عوام تائين آسان رسائي کي نظر ۾ رکندي هيومن رائيٽس ضلعي آفيسرن کي مقرر ڪيو ويندو، جن جي تعليمي قابليت سوشل سائنسز ۾ ماسٽرس هوندي، هن چيو تہ هن وقت سنڌ هيومن رائيٽس ڪاتو سڄي صوبي ۾ آگاهي مهم هلائي رهيو آهي، جڏهن تہ ايندڙ مرحلي ۾ انساني حقن جي تحفظ تي ڀرپور توجہ ڏني ويندي. هن چيو تہ سندس ڪاتو هن وقت بہ غير سرڪاري تنظيمن سان گڏجي ڪم ڪري رهيو آهي تہ جيئن انساني حقن جي ڀڃڪڙين جي متاثرن کي مفت قانوني مدد فراهم ڪري سگهجي. جاويد صبغت الله مهر چيو تہ انساني حقن جي قانون کي وڌيڪ موثر بڻائڻ لاءِ ترميم ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ حڪومت بہ ان حوالي سان ڪم ڪري رهي آهي. انساني حقن واري ڪاتي جي ٽريٽي امپليمينٽيشن سيل جي ايگزيڪيوٽو ڪوآرڊينيٽر جميل جوڻيجو چيو تہ صوبي جا 23 ڪاتا جي ايس پي پلس جي حوالي سان 27 انساني حقن واري ڪنوينشن تي عملدرآمد جي حوالي سان سندس اڳواڻي هيٺ سيل کي رپورٽ ڪندا آهن. هن چيو تہ 2014ع ۾ وفاق سميت سمورن صوبن ۾ معاهدي تي عملدرآمد سيلز کي قائم عمل ۾ آندو ويو هو تقريب جي پڄاڻي تي سنڌ جي وڏي وزير جي انساني حقن بابت خاص مددگار سريندر ولاسائي ۽ انساني حقن واري ڪاتي جي سيڪريٽري جاويد صبغت الله مهر شرڪتڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ شيلڊون ورهايون.

بقايا 20

جو چوڻ آهي تہ واقعي جي جاچ جاري آهي. عورت جي طبيعت ۾ سڌاري بعد بيان رڪارڊ ڪيو ويندو

بقايا 21

۾ ادا ڪيون وينديون گذريل ڏينهن گارون ويجهو اڻڄاتل هٿيارٻندن جي ڪار تي فائرنگ ۾ ڊاڪٽر بيربل گيناڻي مارجي ويو هو. سندس اسسٽنٽ ڊاڪٽر قرت العين زخمي ٿي پئي هئي. ڊاڪٽر بيربل جي ڪار تي فائرنگ جا سي سي ٽي وي فوٽيجز بہ سامهون آيا ويا مقتول ڊاڪٽر بيربل جي ڌيءَ سپنا جو چوڻ آهي تہ خبر ناهي تہ ڪنهن ظلم ڪيو آهي. ڊاڪٽر بيربل ڪجهہ عرصو اڳ ڌيءَ سان گڏ ايم بي اي جي ڊگري بہ حاصل ڪئي هئي. ڊگري حاصل ڪرڻ بعد ڊاڪٽر بيربل ۽ سندس ڌيءَ جا انٽرويو ٽائيمز نيوز تي نشر ٿيو هو

بقايا 22

بڻجي ڪرڪيٽ کي هلائي رهيو آهي. ڀارت ڪرڪيٽ سپر پاور جي غرور سان ڊڪٽيٽ ڪري ٿو اهو فيصلو ڪري ٿو ڪير کيڏڻ گهرجي ۽ ڪير نہ گهرجي. عمران خان چيو تہ بدقسمتي سان پاڪستان ۽ ڀارت جي لاڳاپن جي ڪري پاڪستاني ڪرڪيٽر آءِ پي ايل ۾ نہ پيا اچن، منهنجي لاءِ حيرت جوڳي ڳالهہ آهي تہ ڀارتي بورڊ پاڪستاني رانديگرن کي ٻاهر رکيو آهي. اهو ڀارت جو غرور آهي. اڳوڻي ڪپتان چيو تہ هاڻي پاڪستان ۾ بہ سٺي معيار جي سپر ليگ ٿي آهي، پاڪستان سپر ليگ ۾ پرڏيهي رانديگر کيڏڻ اچن ٿا، تمام سٺا نوجوان پاڪستاني ڪرڪيٽر اڳتي اچي رهيا آهن. اسان کي ان تي پريشان نہ ٿيڻ گهرجي، انگلينڊ ۾ نسل پرستي جي حوالي سان عمران خان چيو تہ انگلينڊ ۾ جڏهن مون پنهنجي ڪيريئر جي شروعات ڪئي تہ انگلينڊ ڪرڪيٽ ۽ ڪائونٽي ڪرڪيٽ ۾ ڪيل نسل پرستي هئي، مان 1971ع کان 80ع جي ڏهاڪي جي وچ تائين انگلينڊ ۾ کيڏيو آهيان. ڪرڪيٽ بابت گهڻو ڪجهہ نہ پڙهيو آهي. چار سال، يارڪشائر ڪائونٽي نسل پرستي اسڪينڊل بابت پڙهو. عمران خان چيو تہ منهنجي ڪيريئر جي شروعات کان وٺي آخر تائين اها نسل پرستي ڪجهہ گهٽجي وئي آهي. جڏهن مون اتي کيڏڻ شروع ڪيو تہ هميشہ گرائونڊ ۾ نسل پرست تبصرا ٿيندا هئا، انر انگلينڊ ۾ پاڪستانين کي بہ ان مان گذرڻو پوندو هو. پاڪستانين کي بہ ان مان گذرڻو پوندو هو گهٽين ۽ گهٽين ۾ خراب ڳالهيون ٻڌو هن وڌيڪ چيو تہ انگلينڊ آهستي آهستي تبديل ٿي چڪو هو، جڏهن مان ڪيريئر ختم ڪيو تہ اتي نسل پرستي گهٽ هئي.

بقايا 23

تي تعلقہ ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ورتي، تعلقہ اسپتال ٽنڊوآدم مان پوسٽ مارٽم ڪرائي وارثن حوالي ڪري ڇڏيو. جڏهن تہ واقعي جو ڪيس داخل ڪري نہ سگهيو آهي.

بقايا 24

جاري رکيو ويو جڏهن تہ اڳواڻن چيو تہ اسان مسلسل سراپا احتجاج آهيون پر وائيس چانسلر وٽ ايترو ٽائيم ناهي جو ڪجهہ گهڙيون ڪيڊي ملازمن جي مسئلن تي غور فڪر ڪري. اڳواڻن جو چوڻ هو تہ اسان جا جائز مسئلا آهن جنهن ۾ سن ڪوٽا، رٽائر ڪوٽا، فوتي ڪوٽا، رهيل واجبات ليو انڪيشمنٽ جا پئسا فورجاري ڪيا وڃن، اسان جا جائز مسئلا حل نہ ڪيا ويا تہ اسان سومر جي ڏينهن 3 اپريل تي ڊي وي ايم فيڪلٽي کان ريلي ڪڍي وي سي آفيس جي سامهون 24 ڪلاڪن جي احتجاج جو اعلان ڪنداسين.

بقايا 25

ڪميونٽي جي ڇوڪرين کي زبردستي اغوا ڪري مذهب تبديل ڪيو وڃي ٿو، اهڙو عمل روڪيو وڃي.

بقايا 26

دعويٰ ڪشمور ويجهو ڪنڌڪوٽ جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ پوليس سان مبينا مقابلي ۾ بہ ڌوهاري محمد عامر ٻٽ ۽ محمد بلال پنهور مارجي ويا، پوليس موجب جوابدار گاڏين مان بيٽريون ۽ ٻيو سامان چوري ڪري رهيا هيا تہ مقابلو ٿيو. لاڙڪاڻي پوليس پاران بہ مبينا مقابلي دوران هڪ جوابدار علي خان بليدي کي زخمي حالت ۾ ڪرڻ جي دعويٰ هٿيار هٿ، لعلو رائنڪ ۾ بہ پوليس مبينا مقابلي دوران هڪ جوابدار ثناءَ الله کوسو زخمي حالت ۾ گرفتار. خيرپور ۾ بہ پوليس پاران هڪ جوابدار غلام علي کهڙو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ.

بقايا 27

. نيپرا حڪومتي درخواست تي بجلي واهپيدارن تي 335 ارب رپين جو واڌو بار وجهڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي ۽ پنهنجو فيصلو وفاقي حڪومت کي موڪلي ڇڏيو نيپرا بجلي واهپيدارن تي 3 رپيا 23 پئسا في يونٽ مستقل سرچارج لاڳو ڪرڻ جي منظوري ڏني آهي، جنهن جي وصولي ايندڙ مالي سال کان ڪئي ويندي، بجلي جي واڌو سرچارج گهريلو، صنعتي، ڪمرشل ۽ زرعي واهپيدارن تي لاڳو ٿيندي، جڏهن تہ اها ڪي اليڪٽرڪ واهپيدارن تي بہ لاڳو ٿيندي، حڪومت هن سال جون تائين 3 رپيا 82 پئسا في يونٽ واڌو سرچارج وصول ڪندي، جڏهن تہ ايندڙ مالي سال 3 رپيا 23 پئسا في يونٽ سرچارج وصول ڪئي ويندي.

بقايا 28

تہ سيلاب ۽ ڊيمانڊ ۾ فرق سبب مهانگائي ٿي آهي، ڪرنٽ اڪائونٽ خسارو گهٽائڻ لاءِ ڪم ٿي رهيو آهي، حڪومت آءِ ايم ايف سان بہ معاهدي لاءِ پر اميد آهي.

بقايا 29

ماڳ موهن جي دڙي جون تصويرون تيار ڪري ورتيون، نوجوان چيو آهي تہ موهن جي دڙي جي آرٽيفيشل انٽيليجنس ذريعي تيار ڪيل تصويرن کي ڀرپور موٽ ملڻ تي خوش ٿيو آهيان، خواهش آهي موهن جي دڙي بابت وڌيڪ ڪم ڪري سگهان.

بقايا 30

سڄل ڪميونٽي، سياسي سماجي اڳواڻن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ورسي تقريب کي ميااداد خاصخيلي، غلام رسول ناطق، ضمير شيخ، فدا حسين سولنگي، ڪامريڊ ولايت حسين نوناري، اقبال ڳاهي، خواجہ غلام اڪبر، اختر حسين سهتو، نور محمد قرزو، مختيار حسين راڄپر، دودل خان نوح پوٽو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ اڄ سنڌ هاري ڪميٽي جي مرڪزي اڳواڻ ڪامريڊ غلام رسول سهتو جي ٻي ورسي ملهائي رهيا آهيون. ڪامريڊ غلام رسول سهتو هميشہ مظلومن جو آواز بلند ڪندڙ انسان هو ڪامريڊ سڄي جمار مظلومن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ انسان دوست ماڻهو هو ڪامريڊ مظلومن جي حقن خاطر جيلن جون سختيون برداشت ڪيون ۽ ڪڏهن بہ جهڪڻ واري آنڌ نہ مڃي. ڪامريڊ پاران سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف اسلام آباد ۾ مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال ڪئي وئي، هنن وڌيڪ چيو تہ ڪامريڊ روزاني سنڌ اخبار حيدرآباد جو پبلشر پڻ رهيو ۽ صحافتي مورچي تان مظلومن جو هميشہ آواز بلند ڪندو رهيو ۽ سندس ڪيل خدمتن هميشہ ياد رکيون وينديون.

بقايا 31

موجب ايل پي جي جي قيمت 48 رپيا 78 پئسا في ڪلو گهٽ ڪئي وئي آهي، پڌرائيءَ ۾ چيو ويو آهي تہ في ڪلو ايل پي جي جي نئين قيمت 228 رپيا 99 پئسا مقرر ڪئي وئي آهي، نوٽيفڪيشن تي عمل پهرين اپريل کان ٿيندو. اوگرا جي پڌرائيءَ موجب پهرين اپريل کان ايل پي جي جو گهريلو سلينڊر 575 رپيا 54 پئسا سستو ڪيو ويو آهي، ايل پي جي جي 11.8 ڪلو جي گهريلو سلينڊر جي نئين قيمت 2702 رپيا 19 پئسا مقرر ڪئي وئي آهي.

بقايا 32

. سنڌ جي انساني حقن واري ڪاتي پاران صوبائي ويجيلنس ڪميٽي جي ميمبرن لاءِ ورڪشاپ ڪرايو ويو، جنهن ۾ سنڌ جي وڏي وزير جي انساني حقن بابت خاص مددگار سريندر ولاسائي، ڪاتي جي سيڪريٽري جاويد صبغت الله مهر، سنڌ ڪميشن فار هيومن رائيٽس جي چيئرمين اقبال ڏيٿو، ڊپارٽمينٽ جيسٽيٽي امپليمينٽيشن سيل جي ايگزيڪيوٽو ڪوآرڊينيٽر جميل حسين جوڻيجو، ذوالفقار شاهہ، ڊاڪٽر سونو مل ڪنگراڻي، ايڊووڪيٽ الطاف کوسو ۽ ٻين خطاب ڪيو. ورڪشاپ ۾ انساني حقن واري ڪاتي جي صوبائي ويجيلنس ڪميٽي جي ميمبرن شرڪت ڪئي، ان موقعي تي خطاب ڪندي وڏي وزير جي انساني حقن بابت خاص مددگار سريندر ولاسائي چيو تہ ويجيلنس ڪميٽي جا ميمبر ڪاتي جي اکين ۽ ڪنن سان گڏوگڏ زمين تي موجود نمائندا بہ آهن. جيڪي انساني حقن جي ڀڃڪڙين کي روڪڻ ۾ اهم ڪردار آهي. هن چيو تہ انساني حقن جو ڪاتو ويجيلنس ڪميٽي سان لاڳاپيل ٽي او آرز ۾ ترميم ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو سريندر ولاسائي چيو تہ ملڪ ۾ عملي ڪم صرف پاڪستان پيپلز پارٽي ئي ڪري رهي آهي. هن چيو تہ ملڪ ۾ اقليتن سميت سماج جي پٺتي پيل طبقن لاءِ جيڪڏهنڪنهن پارٽي قدم کنيا آهن تہ اهي صرف پاڪستان پيپلز پارٽي ئي ڪيا آهن. هن ٻڌايو تہ سنڌ ڪابينا ۾ 6 ميمبر اقليتن سان تعلق رکن ٿا. جن مان 4 شيڊولڪاسٽز سان تعلق رکن ٿا. صرف پاڪستان پيپلز پارٽي شيڊولڪاسٽ جي ماڻهن کي ايتري وڏي نمائندگي ڏني آهي. ويجيلنس ڪميٽي جي ميمبر ۽ مشهور ٽرانسجينڊر رائٽس ايڪٽوسٽس شهزادي راءِ جي شڪايت جو نوٽيس وٺندي سريندر ولاسائي ڪراچي پوليس پاران خواجہ سرائن جي خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جي معاملي تي ويجيلنس ڪميٽي جي ميمبر سردار نزاڪت جي سربراهي ۾ فوري طور تي هڪڪميٽي بڻائڻ جو اعلان ڪيو ۽ خواجہ سر ڪميونٽي کي يقين ڏياريو تہ سنڌ حڪومت انهن جي خلاف ڪابہ ناانصافي کي برداشت نهڪندي، ورڪشاپ ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي سنڌ جي انساني حقن واري ڪاتي جي سيڪريٽري جاويد صبغت الله مهر چيو تہ ويجيلنس ڪميٽي جو مقصد انساني حقن جي ڀڃڪڙين جي نشاندهي ڪرڻ ۽ روڪڻ آهي. هن چيو تہ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جي روڪٿام ۽ عوام تائين آسان رسائي کي نظر ۾ رکندي هيومن رائيٽس ضلعي آفيسرن کي مقرر ڪيو ويندو، جن جي تعليمي قابليت سوشل سائنسز ۾ ماسٽرس هوندي، هن چيو تہ هن وقت سنڌ هيومن رائيٽس ڪاتو سڄي صوبي ۾ آگاهي مهم هلائي رهيو آهي، جڏهن تہ ايندڙ مرحلي ۾ انساني حقن جي تحفظ تي ڀرپور توجہ ڏني ويندي. هن چيو تہ سندس ڪاتو هن وقت بہ غير سرڪاري تنظيمن سان گڏجي ڪم ڪري رهيو آهي تہ جيئن انساني حقن جي ڀڃڪڙين جي متاثرن کي مفت قانوني مدد فراهم ڪري سگهجي. جاويد صبغت الله مهر چيو تہ انساني حقن جي قانون کي وڌيڪ موثر بڻائڻ لاءِ ترميم ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ حڪومت بہ ان حوالي سان ڪم ڪري رهي آهي. انساني حقن واري ڪاتي جي ٽريٽي امپليمينٽيشن سيل جي ايگزيڪيوٽو ڪوآرڊينيٽر جميل جوڻيجو چيو تہ صوبي جا 23 ڪاتا جي ايس پي پلس جي حوالي سان 27 انساني حقن واري ڪنوينشن تي عملدرآمد جي حوالي سان سندس اڳواڻي هيٺ سيل کي رپورٽ ڪندا آهن. هن چيو تہ 2014ع ۾ وفاق سميت سمورن صوبن ۾ معاهدي تي عملدرآمد سيلز کي قائم عمل ۾ آندو ويو هو تقريب جي پڄاڻي تي سنڌ جي وڏي وزير جي انساني حقن بابت خاص مددگار سريندر ولاسائي ۽ انساني حقن واري ڪاتي جي سيڪريٽري جاويد صبغت الله مهر شرڪتڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ شيلڊون ورهايون.

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر
ٽي.ايم خان ڊرينج ڊويزن ٽي.ايم.خان

No: TC/G-55/233 OF 2023, T.M.KHAN, Dated: 29.03.2023

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل 20219) مطابق دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن/ڪمپنيز/فرمز کان اسٽينڊرڊ بڊنگ ڊاڪيومينٽس (SBDs) تحت هيٺ ڏنل ڪمن لاءِ مهربند واڪ گهرائجن ٿا.

#	ڊرينج ڪمن لاءِ پيڪيج جو نالو	ڪٿيل لاڳت (ملين ۾)	ڪٿيل لاڳت جي 05% بڊ سيڪيورٽي بينڪ گارنٽي جي صورت ۾	ڪانٽريڪٽر ڪيٽيگري	ٽينڊر فيس	تڪميل جو مدو
1.	بحالي/ بحالي ڪارو گنگرو آئوٽ فال ڊرين آر ڊي 128 کان 201 ۽ ان سان لاڳاپيل اڏاوتون.	55.7.078	ڪٿيل امائونٽ جو5%	C_3 يا ان کان مٿي	5000	18 مهينا
2.	بحالي / بحالي ڪارو گنگرو برانچ ڊرين آر ڊي 0 کان 120 ۽ ان سان لاڳاپيل اڏاوتون.	163.211	ڪٿيل امائونٽ جو5%	C_3 يا ان کان مٿي	5000	18 مهينا
3.	تنڊي محمد خان ڊرينيج ڊويزن ۾ دريا خان برانچ ڊرين آر ڊي 0 کان 90 تائين پراڻي ديوان ڊرين ۽ نئين ديوان ڊرين جي تعمير	260.768	ڪٿيل امائونٽ جو5%	C_3 يا ان کان مٿي	5000	18 مهينا
4.	RD 30 تي PFL تحت دريا خان برانچ ڊرين @ RD 7 مٿان سائفن جي تعمير.	343.965	ڪٿيل امائونٽ جو5%	C_3 يا ان کان مٿي	5000	18 مهينا

01. خريداري جو طريقو (سنگل اسٽيج بہ لفافي) (قومي مقابلي واري بولي)
02. اهليت/لازمي.
i. صحيح رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ جون 2023 تائين ۽ ان کان پوءِ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان لاڳاپيل ڪيٽيگري CE_ CE_02,01، CE_04 ۽ CE_10 انجنيئرنگ ڪمن ۾.
ii. ڪمن جي فهرست جنهن ۾ ساڳيون خاصيتون آهن ۽ نيڪال جي ڪم جي نوعيت گهٽ ۾ گهٽ 02 اسائنمنٽس جي ساڳي نوعيت جي برابر يا ڪم جي تخميني لاڳت کان وڌيڪ جيڪي گذريل پنجن سالن دوران ساڳي ماحول واري علائقي ۾ مڪمل ڪيا ويا آهن / جاري آهن مڪمل طور تي مڪمل ٿيڻ جي سرٽيفڪيٽ ۽ تصديق ٿيل ڪاپين سان.
iii. فرم سان ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جو بايو ڊيٽا (مڪمل تفصيل سان گڏ تجربو ۽ فرم سان خدمتن جي ڊيگهہ)
iv. ڪنهن بہ رجسٽرڊ آڊٽ فرم کان گذريل پنجن سالن (22_2021 & 21_2020 ,2019_20 ,2018_19 ,2017_18) لاءِ سالياني تصديق ٿيل آڊٽ رپورٽون.
v. موجود مشينري ۽ سامان جي فهرست ان جي ملڪيت جي دستاويزي ثبوت سان.
vi. ڪريڊٽ لائين جون سهولتون (سرٽيفڪيٽ) ڪنهن بہ بئنڪ کان گهٽ ۾ گهٽ 10 سيڪڙو هر پيڪيج جي اندازي مطابق.
vii. انڪم ٽيڪس ڊپارٽمنٽ سان رجسٽريشن NTN (سرٽيفڪيٽ) وفاقي بورڊ آف روينيو ۽ ڪليئرنس سرٽيفڪيٽ سان فعال حيثيت سان.
viii. گذريل پنجن سالن جي سالياني انڪم ٽيڪس موٽڻ يعني 22_2021 & 21_2020 ,2019_20 ,2018_19 ,18
ix. سنڌ روينيو بورڊ جو رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ گورنمنٽ آف سنڌ (SRB) (فعال حيثيت سان) ۽ ڪليئرنس سرٽيفڪيٽ.
x. ٽيڪنيڪل پروپوزل جي هر صفحي کي لازمي طور تي نمبر هجڻ گهرجي ۽ ان جي اسٽيمپ سان گڏ فرم / ڪمپني جي مالڪ طرفان دستخط ۽ اسٽامپ ٿيل هجي.
xi. سمورين بولين پاڪستان جي ڪنهن بہ شيڊول بئنڪ مان پئڪيج جي اندازي مطابق رقم جي 5 سيڪڙو بئنڪ گارنٽي سان گڏ هجڻ گهرجن، ايگزيڪيوٽو انجنيئر تنڊو محمد خان ڊرينيج ڊويزن جي حق ۾ (ڪانٽريڪٽر/فرم جو نالو) جي اڪائونٽ تي.
xii. تازو حلف نامي (اصل ۾) تي ضابطو آڻڻ تہ فرم / ڪمپني هن وقت بليڪ لسٽ ۾ نہ آهي يا ڪنهن بہ حڪومتي ڪاتي سان ڪنهن بہ مقدمي ۾ ملوث ناهي تہ ڇا وفاقي، صوبائي، بي اي سي ۽ بولڊر نيب اختيارين سان پري بارگيننگ (PB) ۾ داخل نہ ٿيا آهن.
xiii. مالي تجويزن ۾ اوور رائٽنگ جي اجازت نہ ڏني ويندي.
03. جمع ڪرائڻ/ کولڻ:
درخواست جي وصولي ۽ ٽينڊر جاري ڪرڻ جي آخري تاريخ 19 اپريل 2023 صبح 11 وڳي تائين آهي ۽ ٽينڊر 12 وڳي منجهند تائين واپس وصول ڪيا ويندا ۽ ساڳئي تاريخ تي 1:00 وڳي کوليا ويندا (پهرين ڪوشش).
ٻي ڪوشش جي صورت ۾ درخواست جي وصولي ۽ ٽينڊر جاري ڪرڻ جي آخري تاريخ 3 مئي 2023 تي صبح 11 وڳي تائين آهي ۽ ٽينڊر 12 وڳي تائين واپس وصول ڪيا ويندا ۽ ساڳئي تاريخ تي 01 وڳي کوليا ويندا.
04. بڊنگ/ٽينڊر دستاويز:
1. معاهدي جا دستاويز ۽ ٻيون شرطون ۽ شرطون SPPRA i.c "ppms.pprasindh.gov.pk" جي سرڪاري ويب سائيٽ تان ڏسي يا ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿيون (ڊائون لوڊ ٿيل دستاويز 5,000 رپيا جي پي آر آرڊر سان گڏ هوندا) (ناقابل واپسي) ٽينڊر فيس جي رقم پاڪستاني رپين ۾ 5000 (ناقابل واپسي) ۽ مٿي ذڪر ڪيل بڊ سيڪيورٽي پاڪستان جي ڪنهن بہ شيڊول بئنڪ مان ڪال ڊپازٽ جي صورت ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر، تنڊو محمد خان ڊرينيج ڊويزن جي حق ۾ (فرم جو نالو) جي اڪائونٽ تي شامل ڪيو وڃي. ٽيڪنيڪل بوليءَ سان، ٻي صورت ۾ اهڙا ٽينڊر قبول نہ ڪيا ويندا.
2. ٽينڊر پروڪيورمينٽ ڪميٽي/ حصو وٺندڙ ڪانٽريڪٽرز/ فرم انهن جي بااختيار نمائندن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا، جيڪي حاضر ٿيڻ چاهين ٿا.
3. بوليءَ ۾ هڪ پيڪيج بہ الڳ لفافن تي مشتمل هوندو. هر لفافي ۾ الڳ الڳ ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل شامل هوندو. مونجهاري کان بچڻ لاءِ لفافي تي ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل کي ٿلهي ۽ واضح اکر ۾ نشان لڳايو وڃي. بڊ سيڪيورٽي کي ٽيڪنيڪل پروپوزل سان منسلڪ ڪيو ويندو.
4. "ٽيڪنيڪل پروپوزل" جو نشان لڳل لفافو کوليو ويندو ۽ لفافو نشان لڳل مالي پروپوزل کي بغير کولڻ جي پروڪيورنگ ايجنسي جي تحويل ۾ رکيو ويندو.
5. پروڪيورنگ ايجنسي/ڪميٽي هر فرم/بوليندڙ جي ٽيڪنيڪل پروپوزل جو جائزو وٺندي ٽيڪنيڪل قابليت لاءِ مٿي ڏنل معيار مطابق، جيڪا بڊنگ دستاويزن ۾ ڏنل آهي ۽ پاس ٿيڻ جو سيڪڙو 70 سيڪڙو آهي.
6. ٽيڪنيڪل پروپوزل ۾ ڪا بہ ترميم جي اجازت نہ هوندي ٽيڪنيڪل تشخيص دوران.
7. ٽيڪنيڪل طور تي قابل فرم جي مالي تجويز کي کوليو ويندو تاريخ، جڳهہ ۽ وقت تي لکت ۾ سيني قابل ٺيڪيدارن / فرمز کي اڳ ۾ ٻڌايو ويندو.
8. فنانشل بڊس پروپوزل کي ٽيڪنيڪل طور تي غير جوابي طور تي لاڳاپيل بولڊرن کي واپس ڪيو ويندو جيڪي کوليل نہ هوندا.
9. ٽيڪنيڪل طور تي جواب ڏيڻ وارن جي ڪال ڊپوزٽ جيڪي وڌيڪ شرح جي ڪري رد ڪيا ويا آهن ڪامياب بولي ڏيندڙ کي ڪم آرڊر جاري ٿيڻ ڪانپوءِ واپس ڪيا ويندا.
10. سڀ کان وڌيڪ "فائدي واريون بولين" جي طور تي مليا ويندا قبول ڪيا ويندا.
11. افتتاح جي تاريخ تي پروڪيورمينٽ ڪميٽي جو ڪورم پورو نہ ٿيڻ جي صورت ۾ بل جمع ڪرايو ويندو ۽ ايندڙ ڪم ڏينهن تي کوليو ويندو.
12. جوائنٽ وينچر جو جائزو ورتو ويندو تجويزي طور تي شيئر جي مطابق.
13. تازو حلف نامو (اصل ۾) ان اثر سان تہ ٺيڪيدار/فرم پاران پيش ڪيل سڀئي دستاويز/خاص/ مشينري معلومات صحيح ۽ درست آهن. ڪانٽريڪٽر/فرم پاران مهيا ڪيل بوگس/ ٽمپرڊ يا غلط معلومات/ سرٽيفڪيٽن جي صورت ۾ ڪنهن بہ اسٽيج تي بليڪ لسٽ ٿيڻ جا ذميوار هوندا.
14. عدالتي اسٽيمپ پيپر تي CNIC سان گڏ مالڪ جا تفصيل، نمائندي کي مالڪ کان عدالتي اسٽامپ پيپر تي اختيار حاصل ڪرڻ گهرجي. عدالتي اسٽيمپ پيپر کان سواءِ اٿارٽي قبول نہ ڪئي ويندي ۽ اهڙو ٽينڊر قبول نہ ڪيو ويندو.
15. فرم جي صورت ۾، ڊائريڪٽرن / مالڪن جا مڪمل تفصيل ڏيو يا پاور آف اٽارني سان لاڳاپيل هيا. اڪيلي مالڪ هجڻ جي صورت ۾ اهڙي قسم جو معاهدو تازو حلف نامي تي (اصل ۾) پيش ڪيو وڃي.
16. ٽينڊرز کي مٿي ڏنل گهربل دستاويزن / معلومات سان گڏ پيش ڪيو وڃي. جيڪڏهن اهڙن گهربل دستاويزن/معلومات مان ڪنهن بہ قسم جي کوٽ هجي تہ پوءِ ٽينڊر پروڪيورنگ ڪميٽي طرفان غور نہ ڪيو ويندو ۽ تاريخ ۽ وقت ختم ٿيڻ کان پوءِ اهڙا دستاويز قبول نہ ڪيا ويندا.

❊ جمع ڪرائڻ جي جاءِ، ڇپا ڳاڇا ۽ افتتاح هيٺ ڏنل هنڌ هوندو: _
ائڊريس: آفيس ايگزيڪيوٽو انجنيئر، تنڊو محمد خان ڊويزن

شرط ۽ ضابطا
هيٺ ڏنل شرطن جي هيٺان درخواست رد ڪئي ويندي:
i. ڪابہ مشروط اليڪٽرانڪ ۽ ٽيليگرافڪ بڊس / ٽينڊرز قبول نہ ڪيا ويندا.
ii. گهربل رقم ۽ اندازجي بيڊ سيڪيورٽي سان گڏ نہ آهن.
iii. مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کان پوءِ حاصل ڪيل بوليون.
iv. بول جي صحيح مدت 90 ڏينهن.
v. پروڪيورمينٽ اٿارٽي SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل اپ_ ٽو_ ڊيٽ) جي مطابق ڪنهن بہ يا سيني ٽينڊرز/بولين کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو

(فيروز الدين ڊومڪي)
ايگزيڪيوٽو انجنيئر
ٽي.ايم.خان ڊرينج ڊويزن
ايٽ ٽنڊو محمد خان

INF/KRY#1208/2023

پڙهندي سنڌ تہ...... وڌندي سنڌ

بقايا 01 سنڌيار

اسڪول سمي جوڻ ۾ ڏيڍ مهيني کا استاد مقرر نہ ٿي سگهيو 150 گلڙن جهڙن ٻارن جي تعليمي مستقبل تباھ ٿين لڳو روزانو معصوم ٻار اسڪول اچي استاد نہ هجڻ سبب مايوس ٿي واپس وڃن ٿا والدين ڳوٺ سمي جوڻ جو اسڪول بند هجڻ جي ڪري سخت پريشان آهن ڳوٺ سمي جوڻ جي سماجي اڳواڻ واحدبخش لاشاري فقير الهڏنو لاشاري عرفان علي لاشاري بخشڻ لاشاري رضامحمدلاشاري سانوڻ خان لاشاري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ اسان جي ڳوٺ سمي جوڻ جو گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ڏيڍمهيني کان بند پيل آهي استاد ۽ چوڪيدار جي بائيوميٽرڪ چيڪ جي سبب اسڪول ۾ موڪليو ويو آهي انهي ڪانهو ڪافي دفعا ڊي اي او نوشهروفيروز ٽي اي او مورو کي شڪايتون ڪيو سين تہ اسان جو اسڪول بند آهي اسان کي استاد ڏنو وڃي ليڪن تعليم کاتي جي لاڳاپيل آفيسرن انهي ڳالھ تي ڌيان نہ ڏنو اسان جي اسڪول ڳوٺ سمي جوڻ جي اسڪول ۾ 150 ٻار تعليم پرائي رهيا هئا استاد ۽ چوڪيدار بدلي ٿين سبب اسڪول بند ٿي ويو آهي جنهن سبب تعليم شاگردن جي متاثر ٿي رهي آهي امتحان ويجهو هجڻ سبب شاگردن سان گڏ سندن والدين سخت پريشان آهن ڳوٺاڻن تعليم کاتي جي بالا آفيسرن ۽ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن شهيد بينظير آباد کان مطالبو ڪيو تہ تمام جلد پرائمري اسڪول سمي جوڻ ۾ استاد مقرر ڪري معصوم شاگردن جو تعليمي مستقبل بچايو وڃي ۽ اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 02 سنڌيار

سڪندر ملاح، ظهور احمد ملاح، ضلعي ٺٽي جي صدر محمد ايوب ملاح پنهنجي گڏيل پريس بيان ۾ چيو آهي تہ نهايت ڏک جي ڳالھ آهي جو ڪراچي ۾ بيهر ٽارگيٽ ڪلنگ جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي، جنهن جو شڪار ڊاڪٽر بيربل ۽ ڊاڪٽر قرت العين ٿيا آهن. جنهن دهشتگردي جي واقعي ۾ ڊاڪٽر بيربل شهيد ٿي ويو. جنهن عمل جي جيتري بہ مذمت ڪجي ٿوري آهي ڏک جهڙو اهو گهٽ آهي. هن چيو تہ اسان ڏکوئيل خاندان سان گڏ آهيون. پر اڄان تائين حڪومت توڙي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ڪو تحرڪ ناهي ورتو. جنهن عمل کي روڪڻ جي سخت ضرورت آهي. هنن سنڌ ملاح فورم جي پليٽ فارم تان اعليٰ ادارن کان مطالبو ڪيو تہ فوري حملو ڪندڙ دهشتگردن خلاف آپريشن شروع ڪري حملي ۾ ملوث توڙي انهن جي ساٿارين کي گرفتار ڪري انهن کي منظر عام تي آڻي عوام کي تحفظ مهيا ڪيو وڃي.

بقايا 03 سنڌيار

عيسي مڪن خان سومر خان ۽ خدا بخش وسطڙو ڳوٺن ۾ راشن ورهائڻ جو سلسلو جاري آسپاس جي ڳوٺن مان اٽڪل 1300 کان ڪان وڌيڪ متاثرن ۾ سامان ورهايو ويو ان موقعي تي هلال احمر جي ضلعي چيئرمين ايڊووڪيٽ اشفاق احمد ڏگر ذوالفقار علي وقار احمد ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ هلال احمر پاران ٻوڏ متاثرن جي رجسٽريشن ڪانهو نوشهروفيروز جي عوام جي خدمت جو سلسلو جاري آهي، رمضان المبارڪ کان اڳ نوشهروفيروز جي شهر دالي حسين ڪلهوڙو س ڳوٺ خدا بخش وسطڙو مجر منگنيجا ۽ ٻين ڳوٺ جي 1300 کان وڌيڪ ماڻهن ۾ راشن ورهائي ويو آهي هن چيو تہ هزارين خاندانن کي "فوڊ پارسل" فراهم ڪرڻ لاءِ رجسٽريشن جو عمل مڪمل ٿيڻ بعد رمضان المبارڪ کان اڳ هزارين خاندانن کي 51 ڪلو وزني ڪاڌي جا پارسل ڏنا پيا وڃن. جيڪا هلال احمر جي بهترين ڪارڪردگي ۽ پاڪستان جي عزم جو ثبوت آهي. هلال احمر راشن کان علاوه ٻوڏ متاثرين جي بحالي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي چيو تہ عوام جي خدمت اسان جي اولين ترجيح آهي.

بقايا 04 سنڌيار

المبارڪ جي بابرڪت مهيني ۾ پنهنجو نفعو گهٽ ڪان گهٽ رکن تہ جيئن غريب ۽ وچولي طبقي جا ماڻهو آسانيءَ سان روزي جو سامان خريد ڪري سگهن آهي ڪان پوءِ هن يوٽيليٽي اسٽور جو پڻ دورو ڪيو ۽ يوٽيليٽي اسٽور جي گودام جي پڻ چڪاس ڪئي ان موقعي تي هن ريجنل مينيجر يوٽيليٽي اسٽور جاويد زرداري کي هدايت ڪئي تہ يوٽيليٽي اسٽورن تي اٽي جي کوٽ جلد ختم ڪئي وڃي جن شين جي گهڻي گهرج آهي يا وڌيڪ وڪرو ٿين ٿيون جهڙوڪ اٽو کنڊ گيهہ وغيره انهن جو اسٽاڪ وڌيڪ گهرايو وڃي هن وڌيڪ چيو تہ ضلعي جي هر يوٽيليٽي اسٽور تي ضرورت جون شيون پوريون هئڻ گهرجن ڪنهن بہ شيءِ جي کوٽ نہ ٿيڻ گهرجي تہ جيئن مهانگائي ۾ غريب ماڻهن کي رليف ملي سگهي.

بقايا 05 سنڌيار

علي خواجہ ۽ گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول جي هيڊ ماسترياڻي رشيده خواجہ استادن محمد ذاڪر خواجہ، قاسم علي خواجہ، قربان علي خواجہ، محمدعلي لغاري، طفيل خليفو، نورعلي خواجہ، ظهير حسين خواجہ، گلشن خواجہ، پروين خواجہ، شمشاد خواجہ، اين آر ايس پي پروجيڪٽ آفيسر نعيم جوڻيجو ذاڪر راڄپر سا گرسليم ڪوسو سميت آس پاس جي عورتن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. شاگردن ٻارن جي عالمي ڏهاڙي جي موضوع تي مختلف قسمن جا ٽيبلو پيش ڪري داد حاصل ڪيا، ڏهاڙي جي تقريب کي خطاب ڪندي استادن چيو تہ اسا جي سنڌ جو ٻار آئيندہ زندگي گذاري رهيو آهي، انهن مٿان ظلمن جا پهاڙ ڪيرايا وڃن ٿا جبري پورهيو ڪرايو وڃي ٿو سندن مٿان تشدد ڪيو وڃي ٿو سنڌ جا لکين ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن انهن کي تعليم نہ ٿي ڏني وڃي. سنڌ حڪومت کي گهرجي تہ ٻارن جي بهتري لاءِ ڪي ترت اپاءُ ورتا وڃن جيئن هو پنهنجي اڳتي زندگي سٺي نموني گذاري سگهن.

بقايا 06 سنڌيار

دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ منهنجي خلاف ڪجهہ ڪوڙن پريس ڪانفرنس ڪئي جيڪا ڪوڙ تي مشتمل آهي حميد عرف گلزار ميمڻ فقير جيڪو دادو شهر اندر نوجوان ڇوڪرن کي ورغلائي انهن کي ڪوڙو بنائي جسم فروشي ڪرائي رهيو آهي. هن انڪشاف ڪيو تہ دادو شهر اندر 70 کان وڌيڪ ڪوڙا مرد آهن جيڪي ڪوڙن جو لباس پائي گهمن پيا جن جو ميڊيڪل ڪرايو وڃي آهي ڪوڙن جو لباس پائي گهر گهر وڃي مراد وڃي وري وارا آهن جيڪي گهرن مان ڇوڪرين. ڏاڙا هٿائي شهرين کي لٽرايو پيو وڃي. هن چيو تہ پاڻ کي 70 سالا ساڻيڪ گلزار فقير، بجلي فقير، ميرل عرف ميرا، لطاف ڪوڙي جي معرفت نوجوان ڇوڪرا جا پنهنجي گهر ۾ آپريشن ڪرائي سندن کي ڪوڙو بنائي جسم فروشي جا اڏا هلائين ٿا، شهر جي مختلف علائقن محمد مراد ناڪوپٽي ڪالوني، غريب آباد ڪالوني سميت شهر جي 20 ڪالونين ۾ جسم فروشي جا اڏا هلائين پيا جنهن جو مک ڪردار گلزار فقير ۽ سنڌس ڪوڙن جو گروپ آهي دادو پوليس فوري طور سنڌس کي گرفتار ڪري دادو شهر سميت ٻين ضلعن جي نوجوان نسل کي بچايو وڃي،هن چيو تہ مون سندن خلاف اڳ بہ ڪيس داخل ڪرايو هاڻ ٻہ ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ تيار آهيان هي مون کي موت جا ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ٻہ سنڌس کي دادو شهر جي عوام اڳ ظاهر ڪندس،هي هڪ گروپ آهي جيڪو پوري سنڌ ۾ موجود آهي جيڪو ننڍي عمر وارن ڇوڪرن کي ڪوڙي جو لباس پارائي گندو ڪاروبار ڪرائين ٿا،هن آءِ جي سنڌ،ڊي آءِ جي حيدرآباد،ايس ايس پي دادو کان فوري طور گلزار ڪوڙي ۽ سنڌس گروپ کي گرفتار ڪري مون کي تحفظ ڏنو وڃي.

بقايا 07 سنڌيار

روڊ تي ڌرڻو هڻي احتجاج ڪيو ان سلسلي ۾ ڳوٺاڻن ميڊيا کي ٻڌايو تہ 2014 ۾ اسان راڄپوت برادري جي ماڻهن کان 21 ايڪڙ زرعي زمين ورتي هئي جنهن تي اعواڻ برادري جا شوڪت اعواڻ لياقت اعواڻ ۽ ٻيا پوليس معرفت زبردستي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا ۽ ڊي ايس پي ڪنديارو اشفاق باجوه سندن ٻٽ بخيل آهي ۽ اعواڻ برادري ڪان رشوت وٺي علائقي اندر خونريزي ڪرائڻ چاهي ٿو جڏهن تہ زرعي زمين جا ڪاغذ اسان وٽ موجود آهن اعواڻ برادري طرفان هٿيارن سان حملو ڪري اسان جا ٻچڙا هاڙهو خان ۽ ڪاظم لاکو پڻ زخمي ڪيا آهن جيڪي نواب شاھ اسپتال ۾ آهن هنن ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد ايس ايس پي نوشهروفيروز ڪان واقعي جو نوٽيس وٺي ڊي ايس پي ڪنديارو کي فوري هٽائڻ جو مطالبو ڪندي حملي آورن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 08 سنڌيار

ڳوٺ جمعون ڪوڪر جي گرلز پرائمري اسڪول جي عمارت جو ڪم ڪافي مهينن کان وٺي روليڙي شڪار آهي. جڏهن تہ اسڪول جي مرمت ڪرائيندڙ ٺيڪيدار ڪم اڌ ۾ ڇڏي فرار ٿي ويو آهي. ڳوٺ جمعون ڪوڪر جي ڳوٺاڻن عبدالرزاق ڪوڪر، مامون ڪوڪر، بشير ڪوڪر، مختيار علي ڪوڪر ۽ ٻين سخت احتجاج ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو تہ گهڻي وقت کان وٺي اسڪول جي بلڊنگ زبون حالي جو شڪار هئي، ڳوٺاڻن جي شديد احتجاج بعد تعليم کاتي جي اختيارين نوٽيس وٺي اسڪول جي عمارت نئين سر تعمير ڪرائڻ جو حڪم ڏنو پر ٺيڪيدار بلڊنگ جو ڪم اڌ ۾ ڇڏي فرار ٿي ويو آهي. هن چيو تہ اسڪول جي بلڊنگ زير تعمير هئڻ سبب ڳوٺ جون سوين نياڻيون تعليم پرائڻ کان محروم آهن. هنن سنڌ حڪومت، تعليم کاتي جي اختيارين ۽ سجاول جي ڊي سي کان مطالبو ڪيو تہ گرلز اسڪول جمعون سولنگي جي بلڊنگ فورن تعمير ڪرائي وڃي. ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 09 سنڌيار

آڏو احتجاج ڪندي داڻهيو آهي تہ آئون غير مسلم هئس ۽ منهنجو غير مسلم نالو لالي هو. ڪجهہ ڏينهن پهرين مون اسلام قبول ڪري زبير علي سان پرڻو ڪيو آهي جنهن تي منهنجا مت مائٽ اسان تي ناراض آهن جنهن سبب هو اسان کي مختلف ڪيسن ۾ ڦاسائڻ ۽ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جنهن لاءِ اسان مختلف هنڌن تي دربدر ٿي پنهنجون زندگيون بچائي رهيا آهيون، اسان کي فوري طور تحفظ فراهم ڪيو وڃي تہ جيئن اسان پنهنجي زندگي سڪون سان گذاري سگهون.

بقايا 10 سنڌيار

پارٽي ڪوسڪي ٽائون جي صدر عبدالستار بروڙي کي ڪوسڪي پوليس درزي جي دڪان تان کنئي وئي جنهن تي ايس ٽي پي جي وڏي انگ ۾ ڪارڪن شهر ۾ گڏ ٿي ويا ڪارڪن شهر ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي ويهي رهيا ان موقعي تي ايس ٽي پي اڳواڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ اسان جي ساٿي ستار بروڙي کي ڪوسڪي پوليس بااثر منشيات فروشن خلاف احتجاج ڪرڻ بعد ڏمرجي ڪنجي غائب ڪري ڇڏيو آهي هن چيو تہ اسان مسلسل شهر ۾ منشيات خلاف احتجاج ڪري رهيا آهيون جيڪا ڳالھ هتان جي پوليس جي ساٿاري منشيات فروشن کي ڏکي لڳي آهي هتان الزام هڻندي چيو تہ ڪوسڪي پوليس بااثر منشيات فروشن کان منٿلي وٺي شهر ۾ منشيات فروخت ڪرائي پئي جنهن خلاف اسان ڪجهہ ڏينهن اڳ احتجاج ڪيو جنهن ڏره ۾ اسان جي ٽائون صدر کي ڪنجي ڪيو ويو آهي ٻئي طرف ڌرڻي جي چار ڪلاڪن کانپوءِ ڪوسڪي پوليس ستار بروڙي جي ننڍو ٿاڻي تي گرفتاري ظاهر ڪري هن تي چرس رکڻ جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي ايس ٽي پي جي مرڪزي اڳواڻ شاهنواز سيال چيو آهي تہ هتان آئي جي سنڌ جي ضلعي ۾ پوليس قومي ڪارڪنن سان ظلم ڪري هٿ ٺوڪيا ڪيس داخل ڪري رهي آهي جيڪا سراسر ناانصافي آهي هن چيو تہ آئي جي سنڌ چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪي نوٽيس وٺي ستار بروڙي تي ڪوڙو ڪيس خارج ڪري ڪوسڪي پوليس خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 11 سنڌيار

طرفان ڊسپينسري جي بلڊنگ تہ ٺهيل آهي پر ان ۾ عوام لاءِ ڪائي صحت جي سهولت موجود ناهي صرف عمارت ناهي ڪروڙين رپيا خرچ ڏيکاري عوام سان ڊسپينسري جي نالي دوکو ڪيو ويو آهي جتي نہ تہ عملو مقرر ٿيل آهي نہ وري دوائون باقي نمائشي طور عمارت ناهي علائقي واسين سان مذاق ڪئي پئي وڃي مظاهري جي اڳواڻي ڪندڙ ايڊووڪيٽ امتياز احمد حاجي. سماجي اڳواڻ صحافي سيد بياس علي شاه. رحمت الله حاجي. صلاح الدين کهڙو صدار حسين سومرو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي ڊسپينسري جي مين گيٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ ڪيترائي ڀيرا ڊي سي خيرپور ۽ ڊي ايڇ او خيرپور آڏو شڪايتون ڪندا رهيا آهيون پر انهن جي ڪنن تي اسان جو آواز نہ ٿو پهچي هنن وڌيڪ چيو تہ جيڪڏهن ڪان جلد دراز ڊسپينسري کي فعال نہ ڪيو ويو ۽ عملو مقرر نہ ڪيو ويو تہ 14 رمضان المبارڪ تہ سچل سرمست جي 202 هين عرس جي افتتاح لاءِ ايندڙ سنڌ جو وڏي وزير سيد مراد علي شاھ اڳيان احتجاج ڪنداسين ۽ دراز گيٽ تي ڌرڻو هڻي احتجاج ڪنداسين. قائم ڪنداسين احتجاجي مظاهري ۾ دراز واسين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 12 سنڌيار

ايڪڙ زمين تي روينيو کاتي پوليس جي سرپرستي ۾ قبضا ڳوٺاڻا رستن تي نڪري آيا احتجاجي مارچ ريلي مظاهرو ڌرڻو هنيو ويو ڳوٺن کي ماڪاڻا حقن سميت سهولتن جي کوٽ خلاف مرحليوار تحريڪ جو اعلان ڪري ڇڏيو تفصيل موجب ڪتاب ٽائون جي ڏير شاهي چپ ديه الله ڏاهي دير ڪتاب ديہ شاه مريد سميت مختلف ديهن ۾ صدين کان قائم صالح محمد جمالي ڳوٺ راهو ڳهرام ڳوٺ سلطان ڳوٺ علي رضا ڳوٺ داؤد خاصخيلي ڳوٺ انور خاصخيلي ڳوٺ هاڪو بروهي ڳوٺ لال محمد خاصخيلي ڳوٺ عثمان خاصخيلي ڳوٺ ڳهرام بروهي ڳوٺ لال محمد خاصخيلي ڳوٺ منو شهڻو ڳوٺ اسحاق ٻاغ ڳوٺ بهادر ڳوٺ رسول بخش ڳوٺ مولا بخش بلوچ ڳوٺ ولي محمد خاصخيلي ڳوٺ علي محمد خاصخيلي ڳوٺ امير بخش خاصخيلي ڳوٺ هاشم برفت ڳوٺ حمل پنهور ڳوٺ سلمان بلوچ ڳوٺ اگارو ڳوٺ دوست محمد ڳوٺ اسماعيل عبدالله خاصخيلي ڳوٺ صالح محمد جعفر ڳوٺ ملڪ محمد الياس ڳوٺ يعقوب بروهي ڳوٺ سميت 100 کان وڌيڪ ڳوٺ اڃا تائين جديد دور ۾ بہ سهولتن کان محروم آهن ڳوٺاڻا جديد دور ۾ بہ تعليم صحت روزگار ترقياتي ڪمن کان محروم آهن جڏهن تہ ڳوٺاڻن کي اڄان تائين زمينن توڙي ڳوٺن جا مالڪاڻا حق بہ مليا نہ سگهيا آهن ڳوٺن کي پڪو نہ ڪرڻ سهولتن جي کوٽ بلدرن پاران زمينن تي قبضن خلاف سوين ماڻهن مردن عورتن سماجي اڳواڻ يونس خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ ڪتاب روڊ تي احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙن مارچ ڪري ريلي ڪڍي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو احتجاج کي خطاب ڪندي سماجي اڳواڻ يونس خاصخيلي ڊاڪٽر غلام قادر منگي ۽ ٻين چيو تہ ظلم زيادتي جي انتها آهي تہ ڪتاب تاريخي طور تي شاهوڪار علائقو آهي پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ هن وقت ڪراچي ڪتاب ۾ صدين کان رهندڙ ماڻهن خلاف گهري سازش ڪئي وئي آهي صدين کان قائم صالح محمد جمالي ڳوٺ سميت ٻين ڳوٺن جي رهواسين جي زرعي مالڪاڻي ڪلٽ وارين زمين ڳوٺن ۾ ڳوٺن جي مهاڳن تي قبضي جو سلسلو تيز ٿي ويو آهي بلدرن قبضا مافيا پوليس جي روينيو کاتي جي سرپرستي ۾ هزارين ايڪڙ زمين تي قبضو ڪرائڻ ۾ رڌل آهن يونس خاصخيلي ڊاڪٽر غلام قادر منگي ۽ ٻين چيو تہ تيزي سان هن وقت روينيو ڊپارٽمينٽ پوليس اينٽي انڪروچمينٽ سيل سميت سنڌ حڪومت جي مختلف کاتن جي مدد سان قبضا جاري آهن پوليس روينيو اينٽي انڪروچمينٽ سيل صالح محمد جمالي ڳوٺ سامهون ڳوٺ جي مهاڳ واري زمين تي بلدرپاران قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ خلاف چڙهائي ڪئي وئي ڳوٺاڻن روينيو پوليس اينٽي انڪروچمينٽ سيل قبضا مافيا ۽ بلدرن پاران زمينن ڳوٺن جي زمينن تي والار خلاف احتجاج ڪيو آهي ڳوٺاڻن انيس خاصخيلي شاهد خاصخيلي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ ديہ شاهي چپ ديہ الله ڏاهي جي هزارين ايڪڙ زمين تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي اسان جا ڳوٺ صدين کان قائم آهن هن وقت تائين زمينن ڳوٺن کي مالڪاڻا حق ناهن مليا لينڊ مافيا پوليس روينيو جي سرپرستي ۾ قبضا ڪري پئي صدين کان ڪتاب ۾ ويٺل آهيون پيئڻ جي صاف پاڻي صحت تعليم روڊن رستن سميت جديد دور ۾ ڪا سهولت ناهي ملي اينٽري قدر جو ڳوٺن ۽ زمينن جا مالڪاڻا حق ناهن اهوئي سبب آهي جو لينڊ مافيا بلدر مافيا جيئن حرار ڪري ڇڏيو آهي ڳوٺاڻن چيو تہ جيڪو بہ ڳوٺن جون زمينون ڳوٺ بچائڻ جي ڳالھ ڪري ٿو ان مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا وڃن ٿا ظلم جي انتها آهي صدين کان ويٺل ماڻهن جي پيرن هيٺان زمين ڪسڪائي پئي وڃي هنن چيو تہ هن وقت ديہ شاهي چپ ديہ الله ڏاهي سميت ڪتاب ۽ لينڊ مافيا قبضا ڪري رهي آهي روينيو کاتو ۽ پوليس قبضا مافيا سان گڏ آهي ڳوٺاڻن چيو تہ ڪتاب جي عوام هر دور ۾ پيپلزپارٽي کي ووٽ ڏنا آهن پيپلزپارٽي جي اميدوارن کي ڪامياب ڪيو آهي ان جي باوجود صالح محمد جمالي سميت آس پاس جي ڳوٺن جي زمينن تي قبضا جاري آهن ڳوٺاڻن وڌيڪ چيو تہ اسان مليرجي سمورن چونڊيل نمائندن پيپلزپارٽي جي قيادت سنڌ حڪومت ۽ خاص ڪري سنڌ حڪومت پاران ڳوٺن کي مالڪاڻا حق ڏيڻ لاءِ جيڪا ڪميٽي ناهي وئي آهي انهن کان مطالبو ڪيون ٿا تہ اسان جي صدين کان قائم ڳوٺن کي مالڪاڻا حق ڏنا وڃن ڳوٺاڻن چيو تہ اسان قبضا مافيا خلاف تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو آهي جيڪڏهن صالح محمد جمالي ڳوٺ سميت ٻين ڳوٺن جي زمينن تي قبضا ڪرڻ ۽ پڪو نہ ڪيو ويو هي جدوجهد جاري رهندي ڳوٺاڻن چيو تہ هاڻي اسان جاڳيا آهيون صدين کان ويٺل ماڻهن جو گهيرو تنگ ڪيو ويو آهي هاڻي هي احتجاج مرحليوار شروع ٿي چڪو آهي ريلين مظاهرا ڌرڻا هنيا ويندا هنن مطالبو ڪيو تہ سنڌ جا هڏڪري ۽ ساجاھ وٺڻ ماڻهو آواز بلند ڪن.

بقايا 13 سنڌيار

چيف آرگنائيزر حسين عباس ابڙو جي صدارت هيٺ "العباس ادبي منزل" تي اجلاس سڏايو ويو: شاهزيب جويو، سراج ٽونيو محسن عباس ابڙو، عبدالڪريم سومرو ضامن سولنگي، حسين گاد، شاهد بليدي، مدثر پهڙ، وقار جاگيراڻي ۽ ٻين ميمبرن جي شرڪت: مختلف معاملن تي غور ويچار بعد هر هفتي "بالڪ لطيفي ڪچهري" ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو: هر هفتي بالڪ لطيفي ڪچهري ڪرائڻ جو مقصد ٻارن ۾ لطيف شناسي وارو رجحان پيدا ڪرڻ آهي: حسين عباس ابڙو رپورٽ موجب رتوديرو ۾ ناڙو جويل بالڪ علمي ادبي سنگت رتوديرو جو هڪ اهم اجلاس چيف آرگنائيزر حسين عباس ابڙو جي صدارت هيٺ اڄ "العباس ادبي منزل" تي ٿي گذريو جنهن ۾ شاهزيب جويو، سراج ٽونيو محسن عباس ابڙو، عبدالڪريم سومرو ضامن سولنگي، حسين گاد، شاهد بليدي، مدثر پهڙ، وقار جاگيراڻي ۽ ٻين ميمبرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ مختلف معاملن تي غور ويچار ڪرڻ بعد هر هفتي هفتيوار "بالڪ لطيفي ڪچهري" ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جو ناليوارو اديب ۽ شاعر ساقي ابڙو "فڪر لطيف" تي ليڪچر ڏيندو ۽ ٻارن کي هر هفتي شاه لطيف جو هڪ بيت سمجهائي سان گڏ ياد ڪرائڻ سميت صحيح تلفظ ۾ پڙهڻ جو ڏانءُ پڻ سيکاريو ويندو. ان موقعي تي ڳالهائيندي بالڪ علمي ادبي سنگت رتوديرو جي چيف آرگنائيزر حسين عباس ابڙو چيو تہ هر هفتي بالڪ لطيفي ڪچهري ڪرائڻ جو مقصد ٻارن ۾ لطيف شناسي وارو رجحان پيدا ڪرڻ، بيت صحيح تلفظ ۾ پڙهڻ ۽ ڪين شاه جو رسالو برزبان ياد ڪرائڻ آهي ان لاءِ شهر جي ٻين ٻارن کي بہ هن هفتيوار ڪچهري ۾ ڀرپور شرڪت ڪرڻ گهرجي.

بقايا 14 سنڌيار

آءِ جي ڪان انصاف جو مطالبو خبرموجب ڪراچي ٽيچر سوسائٽي مين چوڪ روڊ تي موٽرسائيڪل تي سوار سچل ڳوٺ ٿاڻي جي ٻن پوليس عملدارن طرفان پيٽرول مفت ۾ نہ ڏيڻ تي پيٽرول وڪرو ڪندڙ پورهيت نوجوان شيرز تي تشدد ڪرڻ بعد سندس جو پيٽرول روڊ تي هاري ڇڏيو پورهيت نوجوان شيرز صحافين کي ٻڌايو ٽيچر سوسائٽي مين چوڪ روڊ تي پيٽرول وڪرو ڪري گهر جو گذر سفر ڪندو آهيان جڏهن تہ سچل ٿاڻي جي پوليس عملدارن کي هر روز خرچو بہ ڏيندو آهيان مگر ان جي باوجود موٽرسائيڪل تي سوار ٻن پوليس عملدارن چيو تہ اسان سچل ٿاڻي جا اهلڪار آهيون پيٽرول مفت ۾ ڏي جن کي مون چيو تہ آءُ هر روز گشت تي ايندڙ پوليس موبائل اهلڪارن کي خرچو ڏيندو آهيان اوهان کي مفت ۾ پيٽرول ڇو ڏيان جنهن تي پوليس عملدارن مون تي تشدد ڪيو تشدد ڪرڻ بعد منهنجو پيٽرول روڊ تي هاري مون سان تمام وڏي زيادتي ڪئي وئي آهي هن ايڊيشنل آءِ جي جاويد عالم اوڍو کان نوٽيس وٺي انصاف جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 15 سنڌيار

کي زخمي ڪري موبائل فون ڦر ڪرڻ واري واقعي جي جوابدارن کي سچل ٿاڻي جي پوليس گرفتار نہ ڪري سگهي ايس ايس پي ايور زيرير نذير شيخ پڻ واقعي جو ڪو نوٽيس نہ ورتو جماعت اسلامي جي رهنما 2 گلزار هجري جو چيرمين ۽ وائيس چيرمين متاثر ٿيل صحافي وٽ پهچي همدردي جو اظهار ڪندي واقعي جي سخت مذمت ڪندي جوابدارن جي جلد گرفتاري جو مطالبو ڪيو خبرموجب ڪراچي سچل ٿاڻي جي حد مدارس چوڪ لڳ ٽيچر سوسائٽي وٽان 3 ڏينهن اڳ پنهنجي ڊيڪوريشن جي دڪان تي ويٺل صحافي سعيد احمد پٽو ڪان موٽرسائيڪل تي سوار ٻن هٿيارٻندن طرفان ڦر دوران مزاحمت تي زخمي ڪري سنڌس ڪان موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا هئا جڏهن تہ سچل ٿاڻي جو ايس ايڇ او راجا تنوير هن وقت تائين ڦر واقعي جي جوابدارن کي گرفتار نہ ڪري سگهيو آهي جڏهن تہ ايس ايس پي ايور زير نذير شيخ پڻ معاملي جي ڄاڻ هجڻ باوجود پڻ ان معاملي تي ڪو بہ نوٽيس وٺڻ بجاءِ خاموش بڻيل آهي جنهن سبب صحافين ۾ سخت ڪاوڙجي لهر ڇانيل آهي هوڏانهن جماعت اسلامي يوسي 2 گلزار هجري صفوران ٽائون جو چيرمين جمشيد ملڪ وائيس چيرمين ڊاڪٽر سڪندر علي بلوچ متاثر ٿيل صحافي سعيد پٽو وٽ پهچي همدردي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي يوسي چيرمين جمشيد ملڪ چيو تہ سچل ٿاڻي جي حد اندر امن و امان جي صورتحال خراب ٿيڻ توڙي منشيات جو ڪاروبار پوليس جي سرپرستي ۾ هلي رهيو آهي پوليس منٿلين وٺڻ عيوض خاموش بڻيل آهي پوليس اختيارين جي خاموش بڻيل آهن هن چيو تہ جماعت اسلامي هر سماجي برائي ۽ بدامنيءَ جي خلاف آواز اٿاريو آهي هن چيو تہ ڦر مزاحمت تي زخمي ٿيل صحافي سعيد پٽو جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو وڃي.

بقايا 16 سنڌيار

گذريل 32 ڏينهن کان سراپا احتجاج آهيون. ڪامورا استادن جا جائز ڪم ڪرڻ لاءِ رشوت طلب ڪري رهيا آهن. ٽون پرائي ٿيل استادن جون گذريل 9 مهينن کان پگهارون نہ پيون ڪيون وڃن. ڊيٽا بيس مڪمل ڪرڻ لاءِ ڪامورا ڳري رشوت طلب ڪري رهيا آهن.ڊي اي او سيڪنڊري ڪاميٽي جو چيرمين آهي فارملٽيز مڪمل هجڻ باوجود فائيل تي صحيحيون ڪري خزانہ آفيس فائيل نہ ٿو اماڻي ڪامورن جي مجرمانہ غفلت سبب ٽون پرائي ٿيل 3 هزار کان وڌيڪ استادن جا خاندان بک بدحالي جو شڪار ٿي ويا آهن. پگهارون، ڊيٽا بيس ۽ اپگريڊيشن نہ ٿي تہ ڊائريڪٽر پرائمري حيدرآباد آفيس آڏو ڌرڻو هڻنداسين.

بقايا 17 سنڌيار

جي موقعي تي مستحق غريب مسڪين ماڻهن ۾ امدادي سامان تقسيم ڪيو ويو، ان موقعي تي پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صوبائي اڳواڻ سيد ذوالفقار علي شاه چيو تہ وزيراعظم پاڪستان ملڪ ۾ غريب ماڻهن ۾ مفت اٽي تقسيم ڪرڻ جو صرف اعلان ڪيو آهي جنهن ۾ پنجاب صوبي ڪان علاوه ٻين صوبن ۾ مفت اٽو تقسيم نہ ڪري ملڪ جي قومي يڪجهتي کي نقصان رسايو ويو آهي، حڪومت مهانگائي جي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي .جنهن جي ڪري حڪومت کي فوري طور اقتدار ڇڏي اليڪشن جو اعلان ڪرڻ گهرجي . پي ٽي آءِ مان عمران خان کي مائينس ڪرڻ جو مقصد ڪنهن بہ صورت ۾ ڪامياب نہ ٿيندو. عمران خان کي پي ٽي آءِ کان الڳ ڪرڻ جي سوچ پي ٽي آءِ کي ختم جي ڪوشش آهي ، مائينس عمران جو خواب شريف خاندان ۽ زرداري خاندان لاءِ خواب ئي رهجي ويندو، ملڪ ۾ وري بيهر عمران خان ملڪ جو وزيراعظم ٿي ملڪ جي اندر موجود: بحران واري بدترين صورتحال مان نجات ڏيارڻ لاءِ قومي اڳواڻ جي حيثيت ۾ وري بيهر عوامي طاقت سان اقتدار حاصل ڪندو، عوام هاڻي ڪنهن بہ فريب ۾ نہ ايندو نہ وري چورن ليٽرن کي هاڻي اقتدار ۾ آڻڻ لاءِ عوام ڪين ووٽ ڏيندو ، عوام جو ووٽ هاڻي پي ٽي آءِ عمران خان جو ووٽ آهي جنهن ڪان خوفزده ٿي حڪومت اليڪشن ڪرائڻ ۾ دير ڪري رهي آهي ۽ عدالتي حڪمن کي بہ تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو وڃي پيو ، عدالتن کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ملڪ ۽ قوم لاءِ وڏو نقصان آهي جنهن ۾ صرف عمران خان وزيراعظم ٿي وري قانون جي بالادستي کي مضبوط ڪندو. انهي موقعي تي سماجي ادارو فيونيٽ جي اڳواڻ جميل احمد صحافين کي ٻڌايو تہ اسان جي تنظيم پوري ملڪ ۾ بنا ڪنهن فرق جي مستحق غريب مسڪين ماڻهن ۾ امداد تقسيم ڪري رهي آهي ماضي ۾ دريائي ۽ برساتي ٻوڏ جي متاثرين ۾ سامان تقسيم ڪيو هو هاڻي رمضان المبارڪ جي موقعي تي لکين ماڻهن ۾ سامان تقسيم ڪيو ويو آهي . انهي موقعي تي پي ٽي آءِ اڳواڻ لالا حسن پٺاڻ ، سيد بدر شاه ۽ ٻيا اڳواڻ موجود هئا . جڏهن تہ ان موقعي تي مستحق غريب مسڪين ماڻهن ۾ هڪ مهيني جي لاءِ راشن جو سامان تقسيم ڪيو ويو آهي.

بقايا 18 سنڌيار

گينگ کي ٻست ڪري گرفتار ڪري ورتو انهي سلسلي ۾ ڊي ايس پي ٺٽو جمع خان پنهور ۽ ايس ايڇ او مڪلي سب انسپيڪٽر اصغر شاه ايس ايس پي ٺٽو آفيس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو تہ ايس ايڇ او مڪلي ۽ ايس ايڇ او ٺٽو مڪلي ۽ ٺٽي ٿاڻي جي حدن ۾ ڇاپا هڻي ٽن جوابدارن کي چوري، ڦر ۽ موٽرسائيڪل چوري جي وارداتن ۾ ملوث جن ۾ عدو عرف عبد محمد ولد ابراهيم گندرو ـ رضا محمد ولد ڪانديرو گندرو ۽ عمر ولد مامون گندرو کي گرفتار ڪري ٺٽو ۽ مڪلي ٿاڻن ۾ ڪيس داخل ڪري ڇڏيا، ياد رهي تہ ڏينهن 2 هفتا اڳ ماسٽر محمد حسن بجورو ڪان سي جي موٽرسائيڪل هڪ موبائيل ٽيبليٽ ۽ 5 هزار رپيا روڪ رقم ڦر ڪئي وئي هئي جن ڏوهارين کي مڪلي غلام الله روڊ تي نئين تعمير ٿيندڙ جيل پرسان ايس ايڇ او مڪلي اصغر شاه جي اڳواڻي ۾ پوليس ڪارروائي ڪندي ٽن جوابدارن جيڪي ماسٽر محمد حسن بجورو کان موٽر سائيڪل هڪ موبائل ٽيبلٽ ۽ پنج هزار ڪيش جي ڦرڻ ملوث هئا کي گرفتار ڪري ورتو ٻئي طرف ايس ايڇ او ٺٽو الهڏنو پنهور ۽ انچارج پوليس پوسٽ بگهاڙ موري اي ايس آءِ شوڪت درس ڪجهہ ڏينهن اڳ بگهاڙوري روڊ تي جرڪا اسٽاپ تي ڇاپو هڻي هڪ ڦورو عمر ولد مامون گندرو جيڪو لٽي جي هڪ شهري اويس احمد ميمڻ کان تقريبن اوائلي لک ڪيش ، هڪ موٽر سائيڪل ۽ موبائل فون ڦر ۾ ملوث هو کي گرفتار ڪري وٽانس ڦر ڪيل 90 هزار ڪيش هٿ ڪري ورتي جوابدارن خلاف ٺٽو ۽ مڪلي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويا آهن. وڌيڪ حاج ڪئي پئي وڃي پريس ڪانفرنس وقت مڪلي پوليس پاران گرفتار ڪيل ٻن جوابدارن کي صحافين آڏو پيش ڪيو ويو جڏهن تہ ايس ايڇ او ٺٽو ۽ انچارج پوليس چوڪي بگهاڙ موري پاران گرفتار ڪيل هڪ جوابدار کي پريس ڪانفرنس دوران صحافين آڏو پيش نہ ڪيو ويو ۽ نہ ئي ايس ايڇ او ٺٽو الهڏنو پنهور پريس ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو ياد رهي تہ ان وقت ٺٽو ۽ مڪلي شهر سميت سمورو ضلعو بدامني جي ورچڙهيل آهي.

بقايا 19 سنڌيار

ناهي ڇڏيون، جيڪي ڏسڻي تي ڏسڻي سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي ويون هو ميڊيا جي زينت بنجي وير آهي. لئي جي صحافين سان ڳالهائيندي رحمت الله ميربحر چيو تہ هو آرٽيفيشل انٽيليجنس تي هوشن ۽ ڪافي عرصي کان ڪم ڪندو رهيو آهي، پر سنڌ جي قديم ثقافت کي جديد دنيا سان متعارف ڪرائڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. هن چيو تہ هو لئي جي صحافين جو ٿورائتو آهي جن سنڌس ڪم کي بهترين ڪوريج ڏياري آهي. هن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ سندس سپورٽ ڪئي وڃي جيئن هو ۽ سنڌس جهڙا ٻيا نوجوان هن مصوري واري ڪم ڪي هٿي ڏياري پنهنجي پراڻي قديمي ثقافت کي اجاگر ڪري ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪري سگهن.

بقايا 20 سنڌيار

ٻارڙا ۽ مرد شامل آهن، جن کي مختلف گاڏين ذريعي سول اسپتال مڪلي پهچائي اسپتال ۾ ايمرجنسي قائم ڪري سندن علاج جاري ڪرايو ويو آهي. زخمين ۾ نور احمد، رزاق، غلام علي، مجيد، ستار، حيدر، حاجي حسين، علي حسن ۽ ٻيا شامل آهن. جن مان 4 ڄڻن جي نازڪ حالت هجڻ ڪري ڪين ڪراچي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ٻڌايو پيو وڃي تہ مسافرين ٺٽي کان ڪراچي وڃي رهي هئي تہ مڪلي بائي پاس تي اوچتو رانگ سائيڊ کان ايندڙ مزدا سان مسافر وين ٽڪرائجي ويئي، جنهن جي نتيجي ۾ 20 کان وڌيڪ مسافر زخمي ٿيا سان گڏ مسافر وين مڪمل تباھ ٿين سان گڏ مزدا جو پڻ اڳيون حصو ختم ٿي ويو آهي، مڪلي پوليس برووقت پهچي گاڏين کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي جانچ جاري ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 21 سنڌيار

تعلقي جا درائيس هولڊرن پنج سو ڪٽوتي ڪري صرف 15 سو روپيہ ڏين ٿا جڏهن تہ تيل مهانگو هجڻ سبب پري پري کان اچڻ ٿا ڪرائي سميت 5 سو پيو خرچ لڳي ٿو باقي هزار ۾ گهڻو اٽو ملندو جيڪو 150 سو رپيہ في ڪلو ڪرائي رهيو آهي، ڏيکري هنن اي سي ۽ ڊي ايس پي ڏيکري سميت ڊي سي لاڙڪاڻو ۽ ٻين اعليٰ عملدارن کان گهرڪئي تہ غريب ۽ مظلوم مستحق عورتن جي پيسن مان ڪٽوتي جو نوٽيس وٺي پورا پيسا ڏيارايا وڃن. هوڏانهن ڏوڪري شهر ۾ هلندڙ 10 درائرن کان علاوه موهن جو دڙو ، ٻڍي ، سيهڙ ، ساميڪا ، فارم ۽ ٻين هنڌن تي ڪٽوتي سان گڏ بدنظمي بہ پيدا ٿي وئي آهي. گهڻي رش سبب عورتون ۽ مڙد گڏيل بيٺا آهن جنهن جي بہ مستحق عورتن شڪايت بہ ڪئي آهي.

بقايا 22 سنڌيار

اسلامي يوٿ صفوران پاران غازي ڳوٺ ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائي گرائونڊ ۾ رمضان ڪرڪيٽ ٽورنامنٽ ڪرايو ويو جنهي وڏي تعداد ۾ نوجوان ۽ ڀرپاسي جي ماڻهن شرڪت ڪئي ان موقعي تي جماعت اسلامي پبلڪ ايڊ ڪميٽي علائقہ صفوران جي صدر حماد پٽو، صفوران يوٿ جي صدر نصيد الله خان ـ سنڌ عوامي ست جي سينئر وائيس چيئرمين رياض ڪمتيو ـ جماعت اسلامي پبلڪ ايڊ ڪميٽي يوسي جاچرجي سجاد لاڙ ـ يوسي جسر وارڊ ٽي جي طلہ عنايت ـ ممتاز ابن ـ سرفراز سومرو ـ حسان بهائي ـ حمزا عنايت چيف ـ ڪامران سلطان، سمر سومرو، اظهر علي ڪمتيو، احسان علي ۽ امير علي ٿيٻو چيو تہ جماعت اسلامي روشنين جي شهر ڪراچي جي لاءِ هر وقت ڪجهہ چڱو ڪم ڪرڻ لاءِ سوچندي راهنڌي آهي جماعت اسلامي نوجوانن جو ٽيلنٽ ظاهر ڪرڻ لاءِ هي ننڍڙو پروگرام جي شروعات ڪئي آهي انهن چيو تہ سچل ڳوٺ، غازي ڳوٺ ۾ منشيات ڪان پاڪ ڪرڻ لاءِ جماعت اسلامي هر ممڪن ڪاوش ڪندي ۽ اهڙي مرض مان جان ڇڏائڻ لاءِ نوجوانن کي گهرجي تہ رانڌين جي ذريعي اڳتي اچي پنهنجو ٽيلنٽ ظاهر ڪن انهن وڌيڪ چيو تہ جماعت اسلامي جيڪو واعدو ڪيو اهو واعدو اڄ پورو ڪري ڏنو آهي.

بقايا 23 سنڌيار

ڇڏيو لاش بدين پهچڻ تي سنڌس گهر ۾ ڪهراڻ مچي ويو سنڌس جنازي نماز ۾ اسلاميا ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر شاگردن ڪانسوا شهرين برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شاه قادري قبرستان ۾ مٽي ماءِ جي حوالي ڪيو ويو سنڌس پونئرن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

بقايا 24 سنڌيار

شاهد علي راڄپوت، اقبال حسين راڄپوت ۽ منظور علي ملڪ هيڊ مسٽريس خلاف شڪايتن جا انبار لڳايا ڇڏيا جنهن ڪان پوءِ ڊي اي او نوشهروفيروز شاگرديائين جي والدين کان هيڊ مسٽريس جي اڏنگي رويي خلاف معافي گهري ورتي، ان دوران شاگرديائين جي والدين پاران ڊي اي او نوشهروفيروز رياض حسين لڄن کي شڪايت ڪندي چيو تہ هيڊ مسٽريس اسان جي نياڻين کي ڪيترن ئي معاملات تي تنقيد ڪندي انهن کي انتقامي ڪارروائي جون ڌمڪيون ڏئي رهي آهي جيڪو سراسر غلط عمل آهي جنهن سبب اسين مجبور ٿي ويا آهيون تہ هاڻي اسان کي پنهنجي نياڻين جا سرٽيفڪيٽ ڏنا وڃن تہ جيئن ڪنهن ٻيئي اسڪول ۾ داخلايون ڪرائي سگهون ـ ان موقعي تي هڪ نوجوان آئي بيهي ڊي اي او نوشهروفيروز کي چيو تہ هيڊ مسٽريس اسان کان هزار رپيا فيس جي مد ۾ ورتا آهن جيڪا خبر پيئي آهي تہ گورنمينٽ طرفان ڪا بہ فيس مقرر ناهي ٿيل پر هن ڪرپشن ڪيئي آهي ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي. جڏهن تہ ڊي اي او نوشهروفيروز ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ مليالي گرلس هاءِ اسڪول ۾ ناجائزين بابت شڪايتون موصول ٿيون آهن ۽ اڄ انڪوائري دوران مونکي خبر پيئي آهي تہ هيڊ مسٽريس جو شاگردياڻين سان ورتاءُ بهتر ناهي جنهن ڪري هيڊ مسٽريس کي اڄ پهريون ۽ آخري وارننگ ڏني رهيو آهيان . آئينده شڪايت ملڻ تي هيڊ مسٽريس خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪيئي ويندي هوڏانهن نوجوان صحافي ۽ سنڌ ٽي وي نيوز جي رپورٽر زوار حسين چانڊيو جي سوشل ميڊيا تي ڪردار ڪشي ڪرڻ تي ڊي آءِ او نوشهروفيروز صحافي زوار حسين چانڊيو کي معذرت ڪندي پاڪر پڻ پاتو ، جنهن ڪان پوءِ صحافي زوار حسين ڊي آءِ او نوشهروفيروز کي مان ڏيندي ڳالهيون درگذر ڪري ڇڏيون. ان موقعي تي بهترين ڪمپيئر اديب ۽ ساهتي پرڳڻو جي سرواڻ سيد حسن شاه صوفاڻي، ڌرتي ٽي وي نيوز جو رپورٽر امير علي ملڪ ،ايس ايس نيوز رپورٽر شوڪت ملڪ، سينئر صحافي منظور ملڪ ،شهزاد علي ملڪ ۽ ٻيا پڻ موجود هيا.

بقايا 25 سنڌيار

رسول ناطق، ضمير حسين شيخ، قداحسين سولنگي، ڪامريڊ ولايت حسين نونازي، اقبال گاهي، خواجہ غلام اڪبر، اختر حسين سهتو، نور محمد ڦرڙو، مختيار حسين راڄپر، دودل خان نوح پوٽو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ اڄ سنڌ هاري ڪميٽي جي مرڪزي اڳواڻ ڪامريڊ غلام رسول سهتو جي ٻي ورسي ملهائي رهيا آهيون. ڪامريڊ غلام رسول سهتو هميشہ مظلومن جو آواز بلند ڪندڙ انسان هو ڪامريڊ مظلومن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ انسان دوست ماڻهو هو ڪامريڊ هارين جي حقن خاطر جيلن جون سختيون برداشت ڪيون ۽ ڪڏهن بہ جهڪي واري آڻ نہ مڃي ڪامريڊ پاران سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف اسلام آباد ۾ مرڻ گهوڙي تائين بک هڙتال ڪئي وئي هئن وڌيڪ چيو تہ ڪامريڊ روزاني سنڌ اخبار حيدرآباد جو پبلشر پڻ رهيو ۽ صحافتي مورچي تان مظلومن جو هميشہ آواز بلند ڪندو رهيو ۽ سنڌس ڪيل خدمتون هميشہ ياد رکيون وينديون.

بقايا 26 سنڌيار

ايڪڙ زمين تي روينيو کاتي پوليس جي سرپرستي ۾ قبضا ڳوٺاڻا رستن تي نڪري آيا احتجاجي مارچ ريلي مظاهرو ڌرڻو هنيو ويو ڳوٺن کي ماڪاڻا حقن سميت سهولتن جي کوٽ خلاف مرحليوار تحريڪ جو اعلان ڪري ڇڏيو تفصيل موجب ڪتاب ٽائون جي ڏير شاهي چپ ديه الله ڏاهي دير ڪتاب ديہ شاه مريد سميت مختلف ديهن ۾ صدين کان قائم صالح محمد جمالي ڳوٺ راهو ڳهرام ڳوٺ سلطان ڳوٺ علي رضا ڳوٺ داؤد خاصخيلي ڳوٺ انور خاصخيلي ڳوٺ هاڪو بروهي ڳوٺ لال محمد خاصخيلي ڳوٺ عثمان خاصخيلي ڳوٺ ڳهرام بروهي ڳوٺ لال محمد خاصخيلي ڳوٺ منو شهڻو ڳوٺ اسحاق ٻاغ ڳوٺ بهادر ڳوٺ رسول بخش ڳوٺ مولا بخش بلوچ ڳوٺ ولي محمد خاصخيلي ڳوٺ علي محمد خاصخيلي ڳوٺ امير بخش خاصخيلي ڳوٺ هاشم برفت ڳوٺ حمل پنهور ڳوٺ سلمان بلوچ ڳوٺ اگارو ڳوٺ دوست محمد ڳوٺ اسماعيل عبدالله خاصخيلي ڳوٺ صالح محمد جعفر ڳوٺ ملڪ محمد الياس ڳوٺ يعقوب بروهي ڳوٺ سميت 100 کان وڌيڪ ڳوٺ اڃا تائين جديد دور ۾ بہ سهولتن کان محروم آهن ڳوٺاڻا جديد دور ۾ بہ تعليم صحت روزگار ترقياتي ڪمن کان محروم آهن جڏهن تہ ڳوٺاڻن کي اڄان تائين زمينن توڙي ڳوٺن جا مالڪاڻا حق بہ مليا نہ سگهيا آهن ڳوٺن کي پڪو نہ ڪرڻ سهولتن جي کوٽ بلدرن پاران زمينن تي قبضن خلاف سوين ماڻهن مردن عورتن سماجي اڳواڻ يونس خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ ڪتاب روڊ تي احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙن مارچ ڪري ريلي ڪڍي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو احتجاج کي خطاب ڪندي سماجي اڳواڻ يونس خاصخيلي ڊاڪٽر غلام قادر منگي ۽ ٻين چيو تہ ظلم زيادتي جي انتها آهي تہ ڪتاب تاريخي طور تي شاهوڪار علائقو آهي پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ هن وقت ڪراچي ڪتاب ۾ صدين کان رهندڙ ماڻهن خلاف گهري سازش ڪئي وئي آهي صدين کان قائم صالح محمد جمالي ڳوٺ سميت ٻين ڳوٺن جي رهواسين جي زرعي مالڪاڻي ڪلٽ وارين زمين ڳوٺن ۾ ڳوٺن جي مهاڳن تي قبضي جو سلسلو تيز ٿي ويو آهي بلدرن قبضا مافيا پوليس جي روينيو کاتي جي سرپرستي ۾ هزارين ايڪڙ زمين تي قبضو ڪرائڻ ۾ رڌل آهن يونس خاصخيلي ڊاڪٽر غلام قادر منگي ۽ ٻين چيو تہ تيزي سان هن وقت روينيو ڊپارٽمينٽ پوليس اينٽي انڪروچمينٽ سيل سميت سنڌ حڪومت جي مختلف کاتن جي مدد سان قبضا جاري آهن پوليس روينيو اينٽي انڪروچمينٽ سيل صالح محمد جمالي ڳوٺ سامهون ڳوٺ جي مهاڳ واري زمين تي بلدرپاران قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ خلاف چڙهائي ڪئي وئي ڳوٺاڻن روينيو پوليس اينٽي انڪروچمينٽ سيل قبضا مافيا ۽ بلدرن پاران زمينن ڳوٺن جي زمينن تي والار خلاف احتجاج ڪيو آهي ڳوٺاڻن انيس خاصخيلي شاهد خاصخيلي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ ديہ شاهي چپ ديہ الله ڏاهي جي هزارين ايڪڙ زمين تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي اسان جا ڳوٺ صدين کان قائم آهن هن وقت تائين زمينن ڳوٺن کي مالڪاڻا حق ناهن مليا لينڊ مافيا پوليس روينيو جي سرپرستي ۾ قبضا ڪري پئي صدين کان ڪتاب ۾ ويٺل آهيون پيئڻ جي صاف پاڻي صحت تعليم روڊن رستن سميت جديد دور ۾ ڪا سهولت ناهي ملي اينٽري قدر جو ڳوٺن ۽ زمينن جا مالڪاڻا حق ناهن اهوئي سبب آهي جو لينڊ مافيا بلدر مافيا جيئن حرار ڪري ڇڏيو آهي ڳوٺاڻن چيو تہ جيڪو بہ ڳوٺن جون زمينون ڳوٺ بچائڻ جي ڳالھ ڪري ٿو ان مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا وڃن ٿا ظلم جي انتها آهي صدين کان ويٺل ماڻهن جي پيرن هيٺان زمين ڪسڪائي پئي وڃي هنن چيو تہ هن وقت ديہ شاهي چپ ديہ الله ڏاهي سميت ڪتاب ۽ لينڊ مافيا قبضا ڪري رهي آهي روينيو کاتو ۽ پوليس قبضا مافيا سان گڏ آهي ڳوٺاڻن چيو تہ ڪتاب جي عوام هر دور ۾ پيپلزپارٽي کي ووٽ ڏنا آهن پيپلزپارٽي جي اميدوارن کي ڪامياب ڪيو آهي ان جي باوجود صالح محمد جمالي سميت آس پاس جي ڳوٺن جي زمينن تي قبضا جاري آهن ڳوٺاڻن وڌيڪ چيو تہ اسان مليرجي سمورن چونڊيل نمائندن پيپلزپارٽي جي قيادت سنڌ حڪومت ۽ خاص ڪري سنڌ حڪومت پاران ڳوٺن کي مالڪاڻا حق ڏيڻ لاءِ جيڪا ڪميٽي ناهي وئي آهي انهن کان مطالبو ڪيون ٿا تہ اسان جي صدين کان قائم ڳوٺن کي مالڪاڻا حق ڏنا وڃن ڳوٺاڻن چيو تہ اسان قبضا مافيا خلاف تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو آهي جيڪڏهن صالح محمد جمالي ڳوٺ سميت ٻين ڳوٺن جي زمينن تي قبضا ڪرڻ ۽ پڪو نہ ڪيو ويو هي جدوجهد جاري رهندي ڳوٺاڻن چيو تہ هاڻي اسان جاڳيا آهيون صدين کان ويٺل ماڻهن جو گهيرو تنگ ڪيو ويو آهي هاڻي هي احتجاج مرحليوار شروع ٿي چڪو آهي ريلين مظاهرا ڌرڻا هنيا ويندا هنن مطالبو ڪيو تہ سنڌ جا هڏڪري ۽ ساجاھ وٺڻ ماڻهو آواز بلند ڪن.

بقايا 27 سنڌيار

ڳوٺ جمعون ڪوڪر جي گرلز پرائمري اسڪول جي عمارت جو ڪم ڪافي مهينن کان وٺي روليڙي شڪار آهي. جڏهن تہ اسڪول جي مرمت ڪرائيندڙ ٺيڪيدار ڪم اڌ ۾ ڇڏي فرار ٿي ويو آهي. ڳوٺ جمعون ڪوڪر جي ڳوٺاڻن عبدالرزاق ڪوڪر، مامون ڪوڪر، بشير ڪوڪر، مختيار علي ڪوڪر ۽ ٻين سخت احتجاج ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو تہ گهڻي وقت کان وٺي اسڪول جي بلڊنگ زبون حالي جو شڪار هئي، ڳوٺاڻن جي شديد احتجاج بعد تعليم کاتي جي اختيارين نوٽيس وٺي اسڪول جي عمارت نئين سر تعمير ڪرائڻ جو حڪم ڏنو پر ٺيڪيدار بلڊنگ جو ڪم اڌ ۾ ڇڏي فرار ٿي ويو آهي. هن چيو تہ اسڪول جي بلڊنگ زير تعمير هئڻ سبب ڳوٺ جون سوين نياڻيون تعليم پرائڻ کان محروم آهن. هنن سنڌ حڪومت، تعليم کاتي جي اختيارين ۽ سجاول جي ڊي سي کان مطالبو ڪيو تہ گرلز اسڪول جمعون سولنگي جي بلڊنگ فورن تعمير ڪرائي وڃي. ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 28 سنڌيار

سڪندر ملاح، ظهور احمد ملاح، ضلعي ٺٽي جي صدر محمد ايوب ملاح پنهنجي گڏيل پريس بيان ۾ چيو آهي تہ نهايت ڏک جي ڳالھ آهي جو ڪراچي ۾ بيهر ٽارگيٽ ڪلنگ جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي، جنهن جو شڪار ڊاڪٽر بيربل ۽ ڊاڪٽر قرت العين ٿيا آهن. جنهن دهشتگردي جي واقعي ۾ ڊاڪٽر بيربل شهيد ٿي ويو. جنهن عمل جي جيتري بہ مذمت ڪجي ٿوري آهي ڏک جهڙو اهو گهٽ آهي. هن چيو تہ اسان ڏکوئيل خاندان سان گڏ آهيون. پر اڄان تائين حڪومت توڙي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ڪو تحرڪ ناهي ورتو. جنهن عمل کي روڪڻ جي سخت ضرورت آهي. هنن سنڌ ملاح فورم جي پليٽ فارم تان اعليٰ ادارن کان مطالبو ڪيو تہ فوري حملو ڪندڙ دهشتگردن خلاف آپريشن شروع ڪري حملي ۾ ملوث توڙي انهن جي ساٿارين کي گرفتار ڪري انهن کي منظر عام تي آڻي عوام کي تحفظ مهيا ڪيو وڃي.

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن
ويجهو گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول نمبر 01 عمرڪوٽ

Phone No: 0238_571720 Email: xen.umerkot@gmail.com
No:XEN/E.W/Estt 238 of 2023 Dated: 31_03_2023

ٽينڊر گهرائڻ جو نوٽيس

1. ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن عمرڪوٽ ايس پي پي رولز 2010 (هاڻي تائين ترميم ٿيل) موجب خواهشمند فردن/ ٺيڪيدارن/ڪمپنين/فرمن کان هيٺين ڪمن جي پروڪيورمينٽ جي لاءِ اسٽينڊرڊ آڇ دستاويزن (SBDs) تي مهربند ٽينڊر گهرائي ٿو.

سيريل	اسڪيم/ڪم جو نالو	تعلقو	ڪليل لاڳت ملين ۾	بڊ سيڪيورٽي (5٪) ملين ۾ ڪال ڊپازٽ جي شڪل ۾	آڇ دستاويزن جي لاءِ ٽينڊر فيس	تڪميل جو مدو
01	ضلعي عمرڪوٽ ۾ بنا ڇت وارن پرائمري اسڪولن جي لاءِ بلڊنگس جي تعمير (05 يونٽس) (اي ڊي پي نمبر 266 آف 23_2022)					
1	GBPS لقمان راهمون	سامارو	13.210	660,500	3000	15 مهينا
2	GBPS بيربل مالهي	پٿورو	13.142	657,100	3000	15 مهينا
3	GBPS محمد اسماعيل ڪنير	سامارو	13.202	660,100	3000	15 مهينا
4	GBPS جمعو خان جهلڻ	پٿورو	13.069	653,450	3000	15 مهينا
5	GBPS شوقي مل مري	سامارو	13.210	660,500	3000	15 مهينا
02	تعلقي عمرڪوٽ، سامارو ۽ پٿورو ضلعو عمرڪوٽ جي پرائمري اسڪولن جي ايليمينٽري اسڪولن ۾ اپ گريڊيشن سهولتن سميت (20 يونٽس) اي ڊي پي نمبر 312 آف 23_2022					
1	GGPS ارارو پرڳڙي	سامارو	18.653	932,650	3000	15 مهينا
2	GBPS راهو آباد	سامارو	18.637	931,850	3000	15 مهينا
3	GBPS باسو مل	پٿورو	18.631	931,550	3000	15 مهينا
4	GBPS ميون دوست علي	عمرڪوٽ	18.625	931,250	3000	15 مهينا
5	GBPS جيئند علي شاه	پٿورو	18.565	928,250	3000	15 مهينا
6	GBPS عبدالحڪيم ڊونڪائي	سامارو	18.613	930,650	3000	15 مهينا
7	GBPS خليفو مانجهي راڄڙ	پٿورو	17.695	884,750	3000	15 مهينا
8	GBPS داد محمد خاصخيلي	سامارو	18.046	902,300	3000	15 مهينا
9	GBPS عليم ڏاهري	سامارو	17.531	876,550	3000	15 مهينا
10	GBPS محمد سالڪ ٻڄير	عمرڪوٽ	17.682	884,100	3000	15 مهينا
11	GBPS سيد شاه مراد شاه	عمرڪوٽ	18.632	931,600	3000	15 مهينا
12	GBPS محمد عرس ٻڄير	عمرڪوٽ	16.487	824,350	3000	15 مهينا
13	GBPS امير فارم	پٿورو	18.647	932,350	3000	15 مهينا
14	GBPS اوطاق سيد پاون شاه	پٿورو	18.113	905,650	3000	15 مهينا
15	GBPS غلام رسول شر	پٿورو	18.622	931,100	3000	15 مهينا
16	GBPS عرس رند	پٿورو	18.186	909,300	3000	15 مهينا
17	GBPS سومر دل	پٿورو	18.127	906,350	3000	15 مهينا
18	GBPS جگو پرڳڙي	پٿورو	18.635	931,750	3000	15 مهينا
19	GBPS فقير علي بخش	عمرڪوٽ	18.635	931,750	3000	15 مهينا
03	ميرپورخاص ريجن ۾ موجود پرائمري اسڪولن ۾ ارلي چائلڊ ايجوڪيشن ڪلاس رومز جي تعمير اي ڊي پي نمبر 326 آف 23_2022					
1	GBPS ڪارورو سيد	عمرڪوٽ	2.702	135,100	3000	15 مهينا
2	GGPS پٿورو	پٿورو	2.699	134,950	3000	15 مهينا
3	GGPS شادي پلي	پٿورو	2.698	134,900	3000	15 مهينا
4	GGPS سامارو	سامارو	2.700	135,000	3000	15 مهينا
04	هاءِ اسڪولن جي هائير سيڪنڊري اسڪول ليول تي اپگريڊيشن (01 يونٽ) ايڇ جي بي ايڇ ايس نيو چور تعلقو ۽ ضلعو عمرڪوٽ اي ڊي پي نمبر 464 آف 23_2022	عمرڪوٽ				
	a) بلاڪ اي		43.822	2.191.100	3000	15 مهينا
	a) بلاڪ بي		42.760	2.138.000	3000	15 مهينا
05	هاءِ اسڪولن جي هائير سيڪنڊري اسڪول ليول تي اپگريڊيشن (01 يونٽ) ايڇ جي بي ايڇ ايس نبي سر روڊ تعلقو ڪنري ضلعو عمرڪوٽ اي ڊي پي نمبر 486 آف 23_2022	ڪنري				
	a) بلاڪ اي		43.815	2.190.750	3000	15 مهينا
	a) بلاڪ بي		42.722	2.136.100	3000	15 مهينا
06	موجود هاءِ/هائير سيڪنڊري اسڪولن ۾ کوٽ/واڌو سهولتن جي فراهمي ۽ نواڻ (02 يونٽس) ضلعو عمرڪوٽ اي ڊي پي نمبر 507 آف 23_2022					
1	GBHS ڊورونارو	عمرڪوٽ	12.531	626,550	3000	15 مهينا
2	GBHS شادي پلي	پٿورو	21.818	1,090,900	3000	15 مهينا
07	هاءِ انرولمينٽ مڊل اسڪول جي هاءِ اسڪولن ۾ اپ گريڊيشن (05 يونٽس) ضلعو عمرڪوٽ اي ڊي پي نمبر 534 آف 23_2022					
1	GBMS پير محمد ولهاري	پٿورو	29.122	1.456.100	3000	15 مهينا
2	GBMS شادي پلي اولڊ	پٿورو	30.265	1.513.250	3000	15 مهينا
3	GBMS ارارو پرڳڙي	سامارو	30.147	1.507.350	3000	15 مهينا
4	GMS ولي داد پلي	عمرڪوٽ	30.689	1.534.450	3000	15 مهينا
5	GBMS قاضي محسن پلي	عمرڪوٽ	28.752	1.437.600	3000	15 مهينا
08	ضلعي عمرڪوٽ جي موجود پرائمري/ايليمينٽري/مڊل/هاءِ اسڪولن ۾ پيئڻ جي پاڻي/واش روم ۽ ڪمپائونڊ وال جي فراهمي (21 يونٽس) اي ڊي پي نمبر 601 آف 23_2022					
1	GBPS محمد اسلم شاهاڻي	سامارو	3.080	154,0000	3000	15 مهينا
2	GBPS بابو سيال	سامارو	3.081	154,050	3000	15 مهينا
3	GBPS مرزو خان ڪالرو	سامارو	3.074	153,700	3000	15 مهينا
4	GBPS شاه علي خان ڪوراهي	پٿورو	3.090	154,500	3000	15 مهينا
5	GBPS خميسو پٽي	پٿورو	3.072	153,600	3000	15 مهينا
6	GBPS دالهو ڪولهي	پٿورو	3.078	153,900	3000	15 مهينا
7	GBPS نيو ڪپري	پٿورو	3.075	153,750	3000	15 مهينا
8	GBPS شادي پلي روڊ	پٿورو	3.063	153,150	3000	15 مهينا
9	GBPS راڻو سولنگي	پٿورو	3.071	153,550	3000	15 مهينا
10	GBPS مائي سائره	پٿورو	3.077	153,850	3000	15 مهينا
11	GBPS علي خان شر	پٿورو	3.071	153,550	3000	15 مهينا
12	GBPS هيرل اسٽيشن	پٿورو	3.089	154,450	3000	15 مهينا
13	GGPS منير اريسر	پٿورو	3.089	154,450	3000	15 مهينا
14	GGPS جاگو پرڳڙي	پٿورو	3.067	153,350	3000	15 مهينا
15	GBPS اسلام پورا	پٿورو	3.081	154,050	3000	15 مهينا
16	GBPS انور الدين ساند	پٿورو	3.074	153,700	3000	15 مهينا
17	GBPS ليلو مهاجر	پٿورو	3.076	153,800	3000	15 مهينا
18	GBPS غلام نبي آريسر	پٿورو	3.077	153,850	3000	15 مهينا
19	GBPS عبدالولي ماڇي	سامارو	3.074	153,700	3000	15 مهينا
20	GBPS عبدالحڪيم آريسر	عمرڪوٽ	3.074	153,700	3000	15 مهينا
21	GBPS چنيسر راهمون	پٿورو	2.477	123,850	3000	15 مهينا
09	موجود پرائمري/ايليمينٽري/سيڪنڊري اسڪولن جو ايمرجنٽ ڪم (25 يونٽس) ضلعو عمرڪوٽ اي ڊي پي نمبر 621 آف 23_2022					
1	GBPS ڪارو ڄارڻ	عمرڪوٽ	3.066	153,300	3000	15 مهينا
2	GBPS حاجي بيدو خان ٻنگلاڻي	عمرڪوٽ	3.833	191,650	3000	15 مهينا
3	GBPS ڪامريڊ امون مل ميگهواڙ	عمرڪوٽ	2.386	119,300	3000	15 مهينا
4	GBPS حاجي فتح محمد راڄڙ	عمرڪوٽ	3.693	184,650	3000	15 مهينا
5	GBPS والهيت ميان حبيب الله	عمرڪوٽ	3.876	193,800	3000	15 مهينا
6	GBPS صابو	عمرڪوٽ	4.033	201,650	3000	15 مهينا
7	GBPS هار پلي	عمرڪوٽ	3.260	163,000	3000	15 مهينا
8	GBPS گل محمد پلي	عمرڪوٽ	3.029	151,450	3000	15 مهينا
9	GGPS ڊورو نارو ڊڙو	عمرڪوٽ	1.761	88,050	3000	15 مهينا
10	GBPS فضل چوياڻ	عمرڪوٽ	3.574	178,700	3000	15 مهينا
11	GGPS ٻلاول هاليپوٽو	عمرڪوٽ	4.253	212,650	3000	15 مهينا
12	GBPS قاضي محسن پلي	عمرڪوٽ	2.931	146,550	3000	15 مهينا
13	GBPS ميهر علي ماڇي	پٿورو	3.030	151,500	3000	15 مهينا
14	GBPS نعيم آباد	پٿورو	4.517	225,850	3000	15 مهينا
15	GGPS ڪمال الدين آريسر	پٿورو	3.452	172,600	3000	15 مهينا
16	GBPS سرتاج ڪي ڪي	سامارو	4.147	207,350	3000	15 مهينا
17	GBPS رمشي ڪولهي	سامارو	3.667	183,350	3000	15 مهينا
18	GBPS محمد ايوب هاليپوٽو	سامارو	4.709	235,450	3000	15 مهينا
19	GBPS عالم خان ڪيري	سامارو	1.933	96,650	3000	15 مهينا
20	GBPS محمد حيات سومرو	عمرڪوٽ	3.999	199,950	3000	15 مهينا
21	GBPS قمر الدين آريسر	پٿورو	3.623	181,150	3000	15 مهينا
22	GBPS پاول ڪالرو	سامارو	2.503	125,150	3000	15 مهينا

2. اهليت:
i. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل مان لاڳاپيل ڪيٽيگري C5 ۽ C6 ۾ موٽر رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ ۽ 4.00 ملين تائين جي ڪمن ڪان سواءِ
ii. سنڌ روينيو بورڊ (ايس آر بي) سان موٽر رجسٽريشن فائلر يا نان فائلر اسٽيٽس ايس آر بي.
iii. فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) سان رجسٽريشن فائلر يا نان فائلر اسٽيٽس / (اين ٽي اين).

3. قابليت
i. گذريل ٽن سالن دوران ساڳئي نوعيت جي ڪيل ڪمن جي فهرست
ii. فرم /ڪانٽريڪٽر جي مالڪي /ليز/يا پرتي ۾ اڪيويمينٽ، مشينري ۽ ٽرانسپورٽ جو تفصيل
iii. فنانشل اسٽيٽمينٽ 22_2021 ۽ انڪم ٽيڪس رٽرن آخري مالي سال 22_2021 جي لاءِ
iv. گذريل 3 سالن جو ساليانو ٽرن اوور
v. مقدمي بازي (جيڪڏهن آهي) جي فهرست انهن جو نوعيت ۽ اسٽيٽس/نتيجو
vi. حلف نامو تہ فرم ڪڏهن بہ بليڪ لسٽ ناهي رهيو
vii. ڪو بہ واڌارو يا خانگي پروڪيورنگ ايجنسي پاران ٿي سگهي ٿو.

4. پروڪيورمينٽ جو طريقيڪار: سنگل اسٽيج /سنگل انويلپ

vi. آڇ/ٽينڊر دستاويز
i) جاري ڪرڻ: آڇ دستاويز 19_04_2023 تائين ٽينڊر فيس جي ادائيگي تي جاري ڪيا ويندا.
ii) جمع ڪرڻ: آخري تاريخ هوندي 20_04_2023 تي منجهند جو 02:00 وڳي تائين.
iii) کولڻ: کوليا ويندا ساڳي تاريخ 20_04_2023 تي منجهند جو 03:00 وڳي.
iv) جاري ڪرڻ، جمع ڪرڻ،چندچاڻ ۽ کولڻ جي جاءِ هوندي
ايڊريس: ويجهو گورنمينٽ آف بوائز هاءِ اسڪول نمبر 01 عمرڪوٽ
ٽيليفون نمبر: 0238_571720
v) اي ميل ايڊريس: xen.ewd.umerkot@gmail.com
vi) موٽ نہ مليل ٽينڊر بيهر هيٺين تاريخن تي جاري ڪيا/جمع ڪيا ۽ کوليا ويندا.

دفعو
a) جاري ڪرڻ جي تاريخ | b) جمع ڪرڻ ۽
کولڻ جي تاريخ
ٿيو 21_04_2023 کان 08_05_2023 تي 12:00 وڳي تائين | 09_05_2023
تي منجهند جو 2:00 وڳي تائين
۽ کوليا ويندا ساڳي
تاريخ تي منجهند جو 3:00 وڳي

6. فنڊنگ پوزيشن: حڪومت سنڌ جي صوبائي اي ڊي پي

viii) شرط ۽ ضابطا
هيٺين صورتن ۾ آڇن کي رد ڪيو ويندو.
i. شرطيا اليڪٽرونڪ ۽ ٽيليفون آڇون/ٽينڊرز
ii. گهربل رقم جي بڊ سيڪيورٽي ۽ فارم ڪانسواءِ پهتل آڇون
iii. مقرر تاريخ ۽ وقت ڪانپوءِ پهتل آڇون
iv. بليڪ لسٽ ٿيل فرم
v. منظور ٿيل آڇ تي سرڪار پاران لاڳو اسٽيمپ ڊيوٽي لاڳو هوندي.

7. آڇ جي موثر رهڻ جو مدو 90 ڏينهن
پروڪيورمينٽ ايجنسي ايس پي پي آر اي رولز 2010 (هاڻي تائين ترميم ٿيل) جي لاڳاپيل شقن موجب ڪنهن بہ يا سڀني آڇن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.
کولڻ جي تاريخ تي موڪل يا ڪنهن بہ اڻ ڏٺل صورتحال جي صورت ۾ آڇون ورندڙ ڪم واري ڏينهن تي جمع ڪيون ۽ کوليون وينديون. ٻيا شرط ۽ ضابطا ساڳيا رهندا.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن
عمرڪوٽ

INF/KRY No: 1242/23

SAY NO TO CORRUPTION | WEAR MASK-SAVE LIFE

پڙهندي سنڌ تہ .... وڌندي سنڌ

پورٽ قاسم اٿارٽي
بن قاسم، ڪراچي _ 75020

Gateway to National Prosperity

ٽينڊر گهرائڻ جو نوٽيس

1. پورٽ قاسم اٿارٽي اصل اڪيوپمينٽ مينوفيڪچرنگ (OEM) يا بااختيار ڊسٽريبيوٽرز/سپلائيرز/ڪانٽريڪٽرز وغيره جيڪي انڪم ٽيڪس ۽ سيلز ٽيڪس ڊپارٽمينٽ سان رجسٽرڊ هجن ۽ ايف بي آر جي ايڪٽو پيئر لسٽ تي هجن گذريل ٽن سالن جي لاءِ آڊٽ ٿيل اڪائونٽ (لازمي گهرجون) ۽ لاڳاپيل فيلڊ يا فائر واٽر باؤزرز جي فراهمي جي لاءِ ڪافي تجربو رکندا هجن کان مهربند ٽينڊرز گهرائي ٿي.

س نمبر	آئٽمن جو تفصيل	اي/سي يونٽ	تعداد	فراهمي جو مدو
01	فائر واٽر باؤزر	نہ	02	180 ڏينهن

2. خواهشمند ٽينڊرر ٽينڊر دستاويز ۽ آئٽمز/تفصيل/ترجيحون شرطن ۽ ضابطن سميت ڊائريڪٽر انوائرنمينٽ اينڊ سيفٽي ڊپارٽمينٽ، پورٽ قاسم اٿارٽي، ڪراچي جي آفيس مان آفيس وقت صبح جو 8:00 کان شام جو 02:00 وڳي تائين (سومر کان خميس) ۽ صبح جو 8:00 وڳي کان منجهند جو 12:30 وڳي تائين (جمعي) تي 1000 رپيا فيس (ناقابل واپسي) جي پورٽ قاسم اٿارٽي جي حق ۾ پي آرڊر جي شڪل ۾ ادائيگي تي حاصل ڪري سگهن ٿا. ٽينڊر دستاويز پي قيواي ۽ پي پي آر اي ويب سائيٽ تان پڻ پري لميٽري ۽ پري پاريٽري ڪم جي لاءِ فقط ڊائونلوڊ ڪري سگهجن ٿا ۽ ٽينڊر جمع ڪرڻ جي وقت 1000 رپيا (ناقابل واپسي) جي ادائيگي ڪن.

3. آڇ ڏيندڙ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2004 جي رول 36 (بي) هيٺ سنگل اسٽيج ٽو انويلپ طريقيڪار جي مطابق آڇون جمع ڪرائين. آڇ ٻن الڳ لفافن تي مشتمل سنگل پيڪيج تي ٻڌل هوندي. هرهڪ لفافو الڳ الڳ "ٽيڪنيڪل پروپوزل"/ پروفارما ساڻ پري ڪواليفڪيشن دستاويزن ۽ "فنانشل پروپوزل" تي ٻڌل هوندي. آڇون 1,500,000 رپيا (رپيا هڪ ملين ۽ پنج سؤ هزار فقط) جي هڪ پاڪستاني شيڊولڊ بينڪ اي اي ريٽنگ ۽ ڪراچي، پاڪستان ۾ واقع مان جاري ٿيل پورٽ قاسم اٿارٽي جي حق ۾ پي آرڊر جي شڪل ۾ بڊ سيڪيورٽيز (سوئي رقم) سان گڏ جمع ڪرايون وڃن جيڪا ٽيڪنيڪل پروپوزل سان شامل هجي. بڊ سيڪيورٽي ڪانسواءِ جمع ڪرايل ٽينڊر رد ڪيو ويندو. آڇون ڊائريڪٽر (انوائرنمينٽ اينڊ سيفٽي) جي آفيس، پوسٽ قاسم اٿارٽي وٽ 18 اپريل 2013 تي منجهند جو 12:00 وڳي يا اڳ تائين پهچڻ گهرجن. فقط ٽيڪنيڪل پروپوزل ساڳي ڏينهن تي منجهند جو 12:30 وڳي کوليا ويندا.

4. ٽيڪنيڪلي ڪواليفائيڊ آڇ ڏيندڙن جو فنانشل تجويزون آڇ ڏيندڙن يا انهن جي بااختيار نمائندن جيڪي موجود رهڻ چاهين جي موجودگيءَ ۾ بعد ۾ ٻڌايل تاريخ، وقت ۽ جڳهہ تي کوليون وينديون. ٽيڪنيڪلي نان ڪواليفائيڊ آڇ ڏيندڙن جون فنانشل آڇون کين بنا کولڻ واپس ڪيون وينديون.

5. پورٽ قاسم اٿارٽي پي پي آر اي 2004 جي مطابق ڪنهن بہ يا سڀني آڇن کي قبول يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي ۽ ان حوالي سان ڪو بہ ڪليم قبول نہ ڪيو ويندو. اٿارٽي جو فيصلو آخري هوندو ۽ سڀني آڇ ڏيندڙن کي قبول هوندو.

ٽيپو سلطان شيخ
سيڪريٽري

PQA Website: www.pqa.gov.pk
Email: secretary@pqa.gov.pk
PPRA Website: www.ppra.org.pk

PID K No.2812/22